ابتدائي سياسي تعليم

جواهر لال نهرو

ابتدائي سياسي تعليم

(نهروءَ جا اندرا ڏانهن خط)

ابتدائي سياسي تعليم

(نهروءَ جا اندرا ڏانهن خط)

جواهر لال نهرو

روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
١٩٨٧ع

چپائيندڙ : ادارو

چاپيندڙ : ايم - خان پرنٽنگ پريس
گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ

سال : ۱۹۸۷ع

قيمت : ۱۴-۰۰ روپيا

اندرا گاندي

جي

نالي

جواهر لال نهرو

فهرست

	ٻه اکر — اندرا گانڌي	٩
	پهرين ڇاپي لاءِ پيش لفظ — جواهر لال نهرو	١١
	ٻي ڇاپي لاءِ پيش لفظ — جواهر لال نهرو	١٣
٢–	قدرت جو ڪتاب	١٧
٣–	ڌرتي جو ٺهڻ	٢١
٤–	پهريون ساهواريون شيون	٢٤
٥–	جانورن جو پيدا ٿيڻ	٢٨
٦–	انسان جو اڀڻ	٣٢
٧–	شروعاتي انسان	٣٦
٨–	جهوني ۽ نئين پٿري جڳهه جا ساڻهو	٣٩
٩–	جدا جدا هوليون ڪيئن ٺهيون	٤٤
١٠–	جدا جدا قومون ڪيئن ٺهيون	٤٨
١١–	هولين جو پاڻ ۾ لاڳاپو	٥٢
١٢–	سيتا ڇا کي ٽو چئجي	٥٥
١٣–	جماعت جو ٺهڻ	٥٨
١٤–	ڌرم جي شروعات	٦٢
١٥–	پورهئي جي ورڇ	٦٤

١٦– پوک ۽ ان جا نتيجا	٦٦
١٧– مکي کيئن ٿيو	٧٢
١٨– مکي جو راجا ٿيڻ	٧٧
١٩– پراچين سپيتا	٧٩
٢٠– ايڇپٽ ۽ ڪربٽ	٨١
٢١– هندوستان ۽ چائنا	٨٣
٢٢– درياهي مسافرن جو واپار	٨٧
٢٣– انگن، اکرن ۽ هوليءَ جو جنم	٩٢
٢٤– انسان ذات جا فرقا	٩٥
٢٥– مندر ۽ مهنت	٩٧
٢٦– آريا قوم جو هندستان ۾ اچڻ	١٠١
٢٧– آريا ڪير هئا؟	١٠٤
٢٨– رمائڻ ۽ مهابارت	١٠٩
٢٩– سرسري نظر	١١٢

پرائيم منسٽر هائوس
نئين دهلي

گهڻا ڀار پنهنجي زندگيءَ جو محور پنهنجن مائٽن کي بنائيندا آهن، پر سمورا مائٽ اهڙا بهترين سائي ڪونه هوندا آهن جهڙا منهنجا مائٽ هٿا. منهنجو پيءُ هرهڪ شيءِ ۾ دلچسپي رکندو هو ۽ آن ۾ پنهنجو حصو سرگرميءَ ۽ شوق سان ادا ڪري خوشي محسوس ڪندو هو. منهنجي ذهن ۾ تمام گهڻا سوال هوندا هٿا ۽ انهيءَ ڳالهه، بابا کي وڌيڪ شوق ڏياريو ته جيئن هو مون کي دنيا ۽ مرد ۽ عورت جي باري ۾ ٻڌائي جيڪي ان ۾ رهيا ورسيا ٿي ۽ جن پنهنجي نظرين، ڪارنامن، ادب ۽ فن ذريعي ٻين ماڻهن ۾ تحرڪ ٿي پيدا ڪيو. سڀ کان وڏي ڳالهه، ته هن کي اسان جي حيرت انگيز ملڪ بابت، آن جي اوائلي مهمن ۽ عظمت ۽ سندس آخري زوال ۽ غلاميءَ بابت ٻڌائڻ ڏاڍو وٽندو هو. هڪڙو خيال، جيڪو سندس ذهن ۾ سدائين آتم هوندو هو، سو هو آزاديءَ جو خيال ـــ آزادي نه فقط پارت جي پر سڄي دنيا جي ماڻهن جي آزادي.

هن ڪتاب ۾ شامل خط مون کي تڏهن لکيا ويا

هٹا جڏهن آ۽ مشڪل سان اٺن يا نون سالن جي هُيس. هن خطن ۾ ڏرتيءَ جي شروعات ۽ ماڻهوءَ جي پنهنجي خود آگاهيءَ بابت ڪافي ڄاڻ موجود آهي. هي خط محض خط ڪونهن جن کي پڙهي ۽ ڪنڌ پاسي ۾ ڦٽو ڪري ڇڏجي. انهن خطن جي ڪري نوان آسرا ۽ اميدون پيدا ٿيون، ماڻهن ۾ واسطي ۽ لاڳاپي جو احساس جاڳيو ۽ سموري ڌرتيءَ جي ڏکن سکن دلچسپيون وڌيون. انهن خطن سان اسانکي اها خبر پوي ٿي ته انسان فطرت کي هڪ ڪتاب ڪري سمجهون. سون پٽرن، وڻ ٻوٽن، جيتن جي زندگيءَ ۽ رات جو تارن کي پڙهڻ ۽ پرکڻ ۾، ۽ گوڙهي مطالعي ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ لڳايا.

هي خط اڳ ۾ ٻه ڪيترين ئي ٻولين ۾ ڪتابي شڪل ۾ شايع ٿي چڪا آهن. پر سون کي يقين آهي ته هي وٺندڙ ايڊيشن پارڙن کي (نوڙي وڻن کي) ڏاڍو متاثر ڪندي ۽ انهن لاءِ ڄاڻ جا نوان باب کولينديء جيڪي اصلي خطن منهنجي لاءِ ڄاڻ جو اڻ-ميو خزانو مهيا ڪيو هو.

اندرا گانڌي

نومبر ۱-۱۹۷۳

پيش لفظ

هي خط منهنجي ڏيءَ اندرا کي ۱۹۲۸ع جي اونهاري جي موسم ۾ لکيا ويا هئا، جڏهن هوءَ هماليه جبلن جي ميسور شهر ۾ رهندي هئي ۽ آءٌ هيٺ ميدانن ۾ رهندو هوس. هي خط بلڪل ذاتي خط هئا، جيڪي هڪڙي ڏهن سالن جي معصوم چوڪري کي لکيل هئا. پر دوستن، جن جي صلاح مشوري کي آءٌ تمام گهڻي اهميت ڏيندو آهيان، انهن خطن ۾ کي گهڻ ڇڪايون ڏنيون، ۽ تجويز ڏنائون ته آءٌ انهن خطن کي پڙهندڙن جي هڪ وسيع حلقي اڳيان پيش ڪريان. مون کي خبر ناهي ته ٻيا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون انهن کي پسند ڪندیون يا نه. پر مون کي اميد آهي ته انهن مان اهڙا جيڪي هي خط پڙهندا سي ڏاڪي ٻه ڏاڪي اسانجي هن دنيا کي قومن جو هڪ وڏو ڪٽنب سمجهڻ لڳندا. ۽ مون کي اها به اميد آهي، جيتوڻيڪ ايتري پڪ کان اڳ، ته انهن کي هنن خطن پڙهڻ مهل اُن خوشيءَ جو ڪجهه حصو محسوس ٿيندو، جيڪا مون خطن لکڻ مهل محسوس ڪئي هئي.

خطن جو سلسلو اوچتو پڇاڻيءَ تي پهچيو وڃي ٿو. ڇاکاڻ ته اونهاري جو ڏگهو عرصو به ختم ٿي چڪو هو ۽ اندرا کي به جيلن تان موڪلي هيٺ اچڻو هو، ۽ ڇاکاڻ ته ۱۹۲۹ع ۾ انندرا لاءِ ميسور يا ڪا ٻي هل - استيشن موجود ڪانه. هڻي تنهنڪري اهو سلسلو بند ڪرڻو پيو. آخري ٽن خطن سان هڪ نئين دؤر جي شروعات ٿي ٿئي ۽ آهي البت پنهنجي جڳهه ڪان پر پرا ٽا لڳڻ پر پوءِ به مون انهن کي هن مجموعي ۾ شامل ڪيو آهي.

آءٌ سمجهان ٿو ته هي خط انگريزيءَ ۾ لکيل آهن تنهن ڪري سندن پسنديدگيءَ جو دائرو محدود آهي. اُن سموري ڪوتاهيءَ جو ذميوار آءٌ آهيان، جنهن جو ازالو آءٌ فقط ترجمو ڪري ڏي پيش ڪري سگهان ٿو.

جواهر لال نهرو

الهه آباد
نومبر ۱۹۲۹ع

ٻئي چاپي جو مهاڳ

پڙهندڙن جي وسيع حلقي جي اکين هن خطن کي آڻڻ جي فيصلي کرڻ کان اڳ آءٌ گهڻو ٻڌڻ ۽ هوس، چاکاڻ تہ بنيادي طرح اهي انهيءَ مقصد لاءِ کونہ لکيا ويا هئا. پر مهربان پريس ۽ عوام جنهن انداز ۾ انهن جي آجيان ڪئي تنهن منهنجي همت وڌائي ۽ منهنجا وسوسا، انديشا ۽ خوف ويندو رهيو. پهريون چاپو ڪڍهوکو ختم ٿي چڪو آهي، ايتريقدر جو خطن، جي ليکڪ وٽ سندس پنهنجي ڪاپي به موجود ڪانهي، تنهن ڪري هيو چاپو پڌرو ڪيو ويو آهي، ڪن معمولي ڇڪن کي درست ڪيو ويو آهي نہ تہ گهڻو ڪري هي ڪابہ تبديلي ڪانہ ڪئي ويئي آهي.

هن مختصر ڪتاب جي جنهن نموني ۾ شاندار آجيان ڪئي ويئي، تنهن سون ۾ همت پيدا ڪئي ۽ سون سوچيو تہ هن خطن ۾ واڌارو ڪجي. پر هڪ حاسد ۽ مورک گهر ڏياڻيءَ جي انگلن سون کي ايتري فرصت ئي ڪانہ ٿي ڏني جو آءٌ ٻين معاملن ڏانهن توجهہ ڏيئي سگهان.

گذريل سال جڏهن آءٌ Naini جيل ويس تڏهن هڪ

پيرو وري خيالن کر موڙيا ۽ آتي وقت جي تہ کوٽ هٿي کانہ! پر جيل وارا کي گهٽا کونهن ۽ نہ کوئي جيل اختياري وارن مطالعي لاءِ کتاب ٿي مهيا کيا. ۽ سڀ کان وڌيڪ تہ منهنجي اِها دلي تمنا هٿي تہ آءٌ هندوستان ۾ ٿيندڙ روز بروز واقعن جي هُوبهو تاريخ لکان بجاءِ پراڻن واقعن دهرائڻ جي. آءٌ جيل مان باهر آيس پر هڪ هفتي جي مختصر غير حاضري کانپوءِ وري بہ جيل ۾ آيس ۽ وري بہ مهينا گذري ويا، هن سال جي جنوريءَ جي پهرين تاريخ تي مون بهر حال طئي کيو تہ خطن جو سلسلو وري شروع ڪجي. ان سلسلي ۾ مون ٽورو ڪم کي اڳتي بہ وڌايو ۽ تمام جلد، يعني جنوري جي ۲۶ تاريخ تي مون کي جيل مان خارج کيو ويو. گهرو پريشانين ۽ عوام جي مسئلن جي پڙ مون کي اڃڙو تہ سوگهو جهليو جو هتان اچيو هوڏانهن وڃان ۽ هتان اچيو هيڏانهن وڃان، ۽ نيٺ مون کي جيل جي خاموش ۽ سانتيڪي ماحول جي حاصلات لاءِ جيل وڃڻ جو انتظار ڪرڻو پيو نہ جيئن آءٌ هي ڪم ڦير جاري رکي سگهان.

انهيءَ دوران، اندرا جو عقل ۽ شعور ٻڌ وڌيو پٿي ۽ تنهن کري آءٌ گهڻو وقت ذهني طرح سائس قدم ملائي هلي نٿي سگهيس.

الهہ آباد — جواهر لعل نهرو

آڪٽوبر ۱۹۳۱ع

ابتدائي سياسي تعليم

جواهر لال نهرو

قدرت جو ڪتاب

پياري اندرا،

تون ۽ مان جڏهين گڏ هوندا آهيون تڏهين تون سڌائين ٿون ڪان ڪيترين گهاڻهين بابت پڇي سوال پڇندي آهين ۽ مان به ڪوشش ڪري توکي انهن جا جواب ڏيندو آهيان. پر هينئر ته پڇي هڪ ٻي ڪان جدا آهيون؛ تون مسوريءَ ته مان الهه آباد- تنهن ڪري مان توکي خطن دوران ڏرتي ۽ سندس ملڪن بابت نئين نئين گهاڻهيون ٻڌائيندس. تو انگلنڊ ۽ هندستان جي ٿوري گهڻي تاريخ پڙهي هوندي. انگلنڊ ته ڏرتيءَ جو فقط هڪ نئين ٽڪڙو ٻيٽ آهي. پر اسان جو هيڏو وڏو هندستان به ڏرتيءَ جو ته فقط هڪ نئين ٽڪڙو پاڳو اٿيئي. تنهن ڪري جي اسين پنهنجي ساريءَ دنيا جي آڪاڻي ٻڌڻ چاهيون ته اسان کي سڀني ملڪن ۽ ۽ قومن کي پنهنجي خيال ۾ رکڻ کپي ۽ نه فقط انهي ڏي نئين ملڪ کي جنهن ۾ ڇاوا نپنيا هجون.

هن خط ۾ ته مان توکي فقط ٿورو احوال ٻڌائيندس- پر اميد ته اهو ٿوروئي احوال توکي سڀني ملڪن سان پاڻ ڳنڍڻ ۽ سڀني قومن کي پاڻپيءَ جي نگاهه سان

ڏسڻ سيکاريندو. تون جڏهين وڏي ٿيندينءَ تڏهين تہ پاڻيهي دنيا بابت وڏا وڏا ڪتاب پڙهندينءَ جي توکي ڏاڍو مزو ڏيندا۔ پر هينئر ٿورو ٻڌ.

اها تہ توکي خبر آهي تہ اسان جي دنيا بلڪل وڏي جهمار جي ٻعني لکين ڪروڙين ورهين عمر جي آهي. ڪيترا ورهين تہ منجهس انسان ذات جو نانءُ نيشان ٻہ ڪونہ هو. فقط پسون ۽ جانورئي هـوا. پر انهي ڪان اڳ تہ وري اڃان ڪنهن بہ "حياتيءُ" جنم ڪونہ ورتو هو. ڏس، هيءُ ڪهڙي نہ عجب جي گاله، چئبي جو اسانجي دنيا، جا يڪا اڄ انسانن، پکين ۽ مرن سان پرپور آهي سا ڪنهن وقت سڄي خالي ۽ ويران ٻيٺي هئي. پر خبر اٿيٽي تہ جن وگيانـن انهن گالهين بابت ايياس ڪيو آهي سي چا ٿا چون؟ اهي چون ٿا تہ شروعات ۾ ڏرتي اهڙي تہ گرم هئي جو جيڪر ڪوبہ ساهہ وارو منجهس ڪونہ رهي سگهي ها. تون تہ هينئر دنيا جي تاريخ ڪتابن دوران ٿي پڙهين. پر اڳي شروعات ۾ تہ ڪتاب بہ ڪونہ هئا. ٻـوءِ پلا اسان کي ڪيئن خبر پوي تہ اڳي دنيا ڪيئن هئي يا ڪهڙي هئي؟ دل ۾ ويهي جيڪر ان بابت ويچار ڪريون تہ ٻوءِ گهٽيٽي جيڪر سندس بابت عجيب غريب مزيدار آ ڪاڻيون ٺهي پون. پر اهي تہ دل جا دليل ٿي پوندا. سچ جو تہ پتوڙي ڪونہ پوندو. پر خوش نصيبي اها آهي جو هيءُ "قدرت" اسان جي لاءِ هڪ ڪتاب مثل آهي جنهن

مان اسان کي دنيا جي جنم جي اتهاس جي خبر پڄجي سگهي ٿي. جبل ڪريون، چنڊ ۽ تارا، سمنڊ ۽ ندیون، بيابان ۽ معدني چيزون اهي سيمي قدرت جي ڪتاب جا ورق آهن. انهن سان جيڪڏهن سچي پچي سچاڻپ ڪرڻي آهي ته قدرت جي ڪتاب دوران ۽ نه فقط انساني هٿرادو ڪتابن درران. سون کي اميد آهي ته تون جلدي اهو قدرت جو ڪتاب پڙهڻ سکي ويندين ۽ پوء تون ڏسندين ته جبل ڪر، سمنڊ ۽ تارا توکي پنهنجون پنهنجون آڪاڻيون ٻڌائين پوء توکي ڏاڍو مزو ايندو. هڪ ننڍڙو پٿر هٿ ۾ ڪ. اهو به قدرت جي ڪتاب جو هڪ ورق آهي. تون سندس ٻولي سمجهڻ سک، ڏس ته هو توکي ڪهڙن نه پنهنجي آڪاڻي ٿو ٻڌائي. جهڙن ٻين ڪتابن پڙهڻ لاء جدا جدا ٻوليون سکين ٿي تهڙن قدرت جو ڪتاب پڙهڻ لاء به ان جي ٻولي سک. پر اها ته اڳ ۾ڏي توکي ٿوري ٿوري ايندي هوندي. هاڻي ڏس ته ننڍڙو لسو گول گول پٿر جو تون کڻين ٿي سو توکي کهڙي ٿو گالهه ٻڌائي؟ ٻلا کهڙن هو هڻڙو لسو ۽ گول ٿيو. سندس کهراڻ ۽ ڏنگ ڏڏاڻ کهڙن گم ٿي رويي! رواجي طرح پٿر ڏس کهڙا نه سخت کهرا ۽ ڏنگا ڏڏا ٿيندا آهن! پوء هي ٻلا هڻڙو سهڻو گول ۽ لسو کهڙن ٿيو؟ ٿورڙي شوق ۽ چاهه سان هن ني ڏيان ڏي ته هو توکي پنهنجي آڪاڻي ٻڌائيندو. ڏس هو ڇا ٿو چوي؟ هو

چوي ٿو تہ، ڪنهن زماني ۾ مان ڪنهن ٽڪر جو ٽُڪر هوس. جنهن ۾ گهٽيءَ ڪڏون ڪوبا ۽ ڪنڊون ڪرچون هيون. مان هڪ جبل جي لاهہ تي پيو هوس، پوءِ آيو جو مينهن جو وسڪارو تنهن گهلي وڃي مون کي هڪ چشمي ۾ اڇليو، جتان وري چشمي جي چولين مون کي پنهنجي وهڪري سان گهلي وڃي نديءَ ۾ ڦٽو ڪيو. هاڻي ندي‌ءَ جي وهڪرن ۽ چولين ۾ ڏوپي ڏوپي ۽ گهڙجي هڪ سندر ۽ لسو پٿر ٿي پيو آهيان. قسمت سارو نديءَ هتي مون کي ڇڏي پاڻ هلي ويئي آهي جنهن ڪري تون مون کي پٿر جي صورت ۾ ٿي ڏسين. ۽ جي ندي اڃان بہ پاڻ سان گهليندي وڃيم ها تہ شايد پڄي پري وڃي ريتيءَ ۽ واريءَ جو داڻو ٿيان ها ۽ پنهنجي ٻين پائرن سان وڃي ان واريءَ جي بندر ۾ شامل ٿيان ها جتي ڏوهين سيڪڙي هار اڇي راند روند ڪندا آهيو. هاڻي ڏس جي هڪ ننڍڙي پٿر تو کي هيڏي پنهنجي آ ڪاڻي ٻڌائي تہ ٻيا هيترا قدرت جا نظارا جيڪر ڪيترين نہ ڳالهيون ٻڌائينين! ـــ وڌيڪ ٻي ڏينهن.

ڌرتي جو ٺهڙ

پياري اندرا ،

توکي خبر آهي تہ ڌرتي سڄ جي چوڌاري ڀٽي ڦري ۽ چندرما وري ڌرتيءَ جي چوگرده. چون ٿا تہ ڀيون ٻہ اهڙيون گهڻيئي ڌرتيون آهن جي اسان جي ڌرتيءَ وانگر سڄ جي چوگرد ڀيون ڦرن اسان جي ڌرتي ٽوڙي ٻين ڌرتين کي * گرهہ ڪري چئبو آهي. چندرما کي وري پوٽلگہ اپگرهہ ڪري ڪوٺبو آهي ، چاکاڻ تہ هو ڌرتيءَ ڀڻيان لٽڪيل آهي. ٻين ڌرتين کي ٻہ شايد اهڙا ٻيا اپگرهہ هجن. مطلب تہ سڄ ۽ گرهہ (ڌرتيون) ٻہ گڏجي ٺهندڙو هڪ ڪٽنب ٺاهين ٿا جنهن کي چئبو آهي Solar System (سورج منڊل).

رات جو تون بيشمار تارا ڏسين ٿي. انهن ۾ ڪي اٺئي گرهہ، باقي ٻيا آهن تارا. تون پلا ٻڌائي سگهندينءَ تہ تارا ڪهڙا ۽ گرهہ ڪهڙا؟ سڄ ٻچ تہ گرهہ (ڌرتيون) تارن کان گهڻو ننڍا آهن پر آسمان ۾ تارن کان وڌا ٻيا لڳن چاکاڻ تہ اسان کي وڌيڪ ويجهو آهن. حقيقت ۾ تہ چنڊ ٻہ تمام ننڍڙو آهي پر چاکاڻ تہ اسان کي ويجهو آهي تڏهين وڏو ٻيو لڳي. تارن ۽ گرهن جي

---

* گرهہ معنيٰ گهر- انهيءَ ٿي ڪري ڌرتيءَ کي (گرهہ) ڪوٺيو ٿو وڃي.

وچ ۾ فرق هيءُ آهي جو تارا ٽمڪ ٽمڪ ڪندا آهن ۽ گرهه ڪونه ڪندا آهن. گرهن کي ڪا پنهنجي روشنائي ڪانهي گرهه توڙي چند تي سج جي روشنائي جو تجلو آهي، باقي جيڪي ٽمڪندڙ تارا آهن تن کي سورج وانگي پنهنجي روشنائي آهي. انهن ۾ ايتري تہ گرمائش آهي جو ٻاهه جيان پيا هرن. حقيقت ۾ تہ سج ٻہ هڪ تارو آهي. پر انسان جي ڏرتيءَ کي ويجهو آهي جنهن ڪري انسان کي وڏو پيو لڳي.

اسين سمجهون پيا تہ انسان جي ڏرتي ڏاڍي وڏي آهي. پر وڏي رڳو انسان نندڙن جيون جي نظر ۾ آهي. هڪ هندستان ئي هند وچ تہ بہ ڏرين ۾ يا جهاز ۾ ڏي ڪي ڏينهن لڳيو وڃن. پر سچ پچ ايڏي وڏي ڪونہ آهي، قدرت الاهه سمنڊ ۾ تہ هوءَ فقط هڪ ڦڙي مثل آهي. سج ۽ تارا تہ انسان کان ڪروڙين ميل پري آهن. نجومين جن تارن جي علم جو اڀياس ڪيو آهي سي چون ٿا تہ ڪنهن زماني ۾ گرهه توڙي تارا سڀ سج جا پاڳا هئا، ۽ سج تڏهن بہ امڙوئي تتل هو جهڙو اڄ آهي. پر ڪن قدرتي نيمن انوسار سج جا ڪي ٽڪرا ڪائنس ڇڄي ڌار ٿي پيا، پر تہ بہ هو ڪائنس صفا پاڻ ڇڏائي ڪونہ سگهيا. سج ڇڪ-مڪ جيان ڪين ڇڪي لڳو، ۽ هو جدا هوندي بہ سندس ئي چوگرد ڦيرا ڏيڻ لڳا. اها ڏرتين جي سج ڏانهن ڪشش ساڳي قدرتي نيم تي بيٺل آهي جنهن نيم جي سگهه هيٺ

سڀ نديسون شيون وڏن شين ڏانهن ڇڪجن ٿيون.
انهي ڪري ڪا بہ شيءَ ڌرتيءَ کان مٿي اڇلاءِ تہ
وري اچي ڌرتيءَ تي هيٺ ڪرندي ڇاکاڻ تہ ڌرتي
سڀني شين کان وڏي آهي. شروعات ۾ جڏهن اسان جي
ڌرتي سج کان ڇڄي ڌار ٿي تڏهن اها بہ سج وانگر
گرم هئي، پر پوءِ آهستي آهستي ويئي ٿرندي. چون ٿا
تہ سج بہ آهستي آهستي وڇيٽو ٿيرندو پيو ڇاکاڻ تہ
تمام وڏو آهي تنهن ڪري ٿرڻ ۾ اڃان تہ ڪي ڪروڙين
ورهيہ ڪپنس. جهڙي طرح سج جو ٽڪر ٿري اسانجي
لاءِ ڌرتي ٿي ويئي تهڙي طرح چنڊ بہ هڪ سج جو
ٽڪر هو، جو پوءِ ڇڄي ڌار ٿي ويو. اسان جي ڌرتيءَ
بہ ٿرڻ ۾ ڪي ورهيہ ورتا هوندا. آهستي آهستي پهرين
سنڊس مٽاڇرو ٺهي ٿريو. اڃان بہ ڪن ڪاڻين اندر گهڙيو
تہ تمام گهٽي گرماش محسوس ڪبي. چنڊ بہ اڃين
آهستي آهستي ويو ٿرندو. نيٺ هينئر تہ ڏس ڪهڙو نہ
سهڻو مانيٽو ۽ وٽندڙ پيو لڳي! جڏهن ڌرتي ٿرڻ شروع
ٿي تڏهن هوا ۾ جيڪا ڀاڦ هئي سا پگهرجي پاڻيءَ جي
صورت وٺي برسات وانگر وسڻ لڳي، ۽ پوءِ جيڪي
ڌرتيءَ ۾ ڪڏون کوها هئا سي پيرجي نديون ۽ سمنڊ
ٿي ٻيا جي اڄ تون ڏسين ٿي. هاڻي تہ ڌرتي اهڙي
ٿري تڏي ٿي ويئي آهي جو سڀ ساهہ وارا مٿس جئي
سگهن ٿا. هاڻي ٻئي دفعي ماڻ توکي لکندس تہ شروعات
۾ "حياتي" ڪيئن ۽ ڪهڙي نموني جنم ورتو.

پهريون ساهه واريون شيون

پياري اندرا،

اڳئين خط ۾ مون توکي ٻڌايو ته شروعات ۾ ڏرتي اهڙي ته تتل هئي جو ڪوبه ساهوارو جيڪر مٽس رهي ڪونه سگهي. هاڻي توکي ٻڌائيندس ته "حياتي" ڪيئن شروع ٿي. پهرين ڪهڙو روپ ورتائين، ۽ پهريان جيو ڪهڙي قسم جا هئا؟ پر پهرين ٻڌاه ته ساهوارو ڪنهن کي ٿو ڪوٺجي؟ تون چوندين ته ماڻهو، جانور ۽ پکي. پر تون جيڪي وڻ ٽڻ ٻوٽا ڏسين ٿي تن ۾ به ساهه اٿيئي. انهن جو گذران به هوا، پاڻي ۽ روشنائي تي آهي. توکي ياد هوندو ته لنڊن ۾ مون توکي (Kew) باغ ۾ کي ٻوٽا ڏيکاريا هئا جن مکيون پي کاڌيون. خير اٿيئي ته سمنڊ جي تري ۾ وري کي اهڙا جانور رهن ٿا، جن کي ڏسي منجهي پئبو آهي ته جاندار آهن الاه بيجان، چاکاڻ ته هو پنهنجي مرضيءَ موجب چري پري ڪونه سگهن. جڏهين تون ٻوٽن جي سائنس، جنهن کي (Botany) چئجي ٿو ۽ جانورن جي سائنس جنهن کي (Zoology) چئجي ٿو، سا پڙهندينءَ تڏهين توکي خبر پوندي ته جگ ۾ کي اهڙيون به عجيب شيون

پيون آهن جن کي فہ جاندار ۽ نہ بي جان چئي ٿو سگھجي. کي سائنسدان چون ٿا تہ پٿر ۾ بہ ساھہ آهي. توکي ياد هوندو تہ جڏهن ۾ هڪ اسان جو هندستاني سنگتي اسان کي گڏجي آيو هو. اهو مشهور سائنسدان سر جگديش چندر بوس هوء. هن کيترن تجربن دوران ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ نہ رڳو وڻن ۾ پر پٿرن ۾ بہ ساھہ آهي. سو هاڻي تہ چئي نٿو سگھجي تہ ڪهڙيون شيون جاندار تہ ڪهڙيون بي جان آهن. پر خير. حال پٿرن کي چڏي اسين فقط وڻن ۽ جانورن کي ٿا وٺون. دنيا اڻ گڻين قسمن جا جيوَ آهن. جهڙيءَ طرح انسانن ۾ کي سمجهو ۽ چالاڪ تہ کي موڳا ۽ بيوقوف ٿهڙيءَ طرح جانورن ۾ بہ کي باندر ۽ هاٿيءَ وانگي چالاڪ ۽ سمجهو تہ کي وري صفا جهڙا ڊور مت جا موڙها پاڻيءَ ۾ بہ بي جان چئي ٿو سگھجي. اهي ڪنهن بہ شڪل شبيہ کان سواءِ جيليءَ جي ٽڪر وانگي لوٽڙا ٿيا پيا آهن. هاڻي اسان کي ڏسڻو آهي تہ هي طرح طرح جا جيوَ سڀ گڏ پيدا ٿيا ڪينَ درجي بدرجي هڪ بي پٺيان. پر هاڻي اها خبر ڪيئن پوي؟ اسان وٽ لکيل ڪتاب تہ ڪونهن. چگو پلا اڄ تہ ڏسون تہ قدرت جو ڪتاب ڇا ٿو ٻولي؟ جبلن ۽ ٽڪرين ۾ مٽلن جانورن جون هڏيون ليندیون آهن جي ثابت ٿيون ڪن تہ انهن جانورن بہ ايترا سال اڳي جنم ورتو هوندو جيتري هنن ٽڪرين جي عمر هوندي. توکي ۰ون لنڊن

جي ڪينسنگٽن عجائب خاني (Museum) ۾ گھڻن ڏي قسمن جون ھڏيون ڏيکاريون ھيون. جانورن جي موت کانپوءِ سندن ماس جلدي ناس ٿي وڃي ٿو پر سندن ھڏيون ورھين جا ورھين سالم رھي سگھن ٿيون. اسين جي اھي ھڏيون ڏکرن مان گولھي ۽ جاچيندا سين تہ اسان کي خبر پوندي تہ ڪيئن جدا جدا نمونن جا جانور جدا جدا وقتن تي پيدا ٿيا آھن. پھريان جانور ھڪ مڇيءَ جو قسم ھوا جنھن کي Shell مڇي ڪوڏجي ٿو. سمنڊ جي ڪناري تان جي ڪوڏ لھندي آھين سي انھن مڇين جا ھڏا اٿيئي جن سان ھو ڏيکيون پيون ھوندڙيون آھن. انھن مڇين کانپوءِ زمين تي چرندڙ جيترن تنھن کانپوءِ وڏن جانورن، پر سڀ کان پڇاڙيءَ ۾ سڀني کان منجھيل ۽ ڏکڻي جانور "انسان" جنم ورتو. سنسار جي پھرين پيدائش اھي جيليءَ وانگر مڇيون اٿيئي انھن کي مٿان (ڪوڏ) ھڏا ۽ ڪونہ ھئا جي ڪنھن ۾ نموني ڏنگا قڏا ٿي پنھنجو روپ ۽ ڏول بدلائي ٿي سگھيا. انھن کي وچ ۾ ھڪ نشان ٿيندو آھي جو آھي سندن دل. اھي (جاندار يا بيجان شيون) ھڪ عجيب نموني ۾ ڇڇي ۾ جدا پاڳا ٿي پوندڙيون آھن. وچ ۾ جيڪا دل اٿن سان ۾ ٻن پاڳن ۾ ورائجي پوندي آھي ۽ انھيءَ نموني انھن جو عدد وڌي وڌندو. نيٺ آھستي آھستي اھي جيليءَ وانگر جيو ويا پنھنجو روپ بدلائي انھن مڇين وانگر ڪندا جن کي ڪوڏ ۽ چار

آهن. انهن مڇين جي موت کان پوءِ اسان کي سندن ڪوڏ ۽ ڇلر هٿ آيا. انهن ڪوڏن ۽ ڇلرن جي مٿان ويندا آهن مٽيءَ جا ٿهه چڙهندا. اهڙي طرح ڪوڏ ۽ مٽي هڪ ٻئي مٿان چڙهندا ننڍا ننڍا ٽڪر ٽي پوندا آهن، جي اوچتو ڪنهن ڏرتيءَ جي ڏاڍ سان ٻاهر نڪري نروار ٿيندا آهن. انهن ڪوڏن جي ايپاس ڪرڻ سان اسان کي خبر پوي ٿي ته شروعات ۾ سرشتيءَ جي اتپتي ڪهڙي هٿي. هاڻي هي خط ۾ سان توکي انهن جملين وانگر مڇين بابت وڌيڪ ڪجهه ٻڌائيندس ته ڪيئن انهن پنهنجو روپ بدلايو.

جانورن جو پيدا ٿيڻ

پياري اندرا،

اڄڪلھين دفعي مون توکي ٻڌايو ته قدرت جي سرشتي ۾ ڦھرين ڦھرين "حياتيءَ" جي نشاني جا نطر آئي سا ھئي جيليءَ وانگر مڇي. اھا شايد رڳو پاڻيءَ ۾ ئي جيءِ ٿي سگھي. باھر نڪرڻ سان يا پاڻيءَ جي سڪڻ سان مري ٿي ويئي. پر تن ڏينھن دنيا جو گھٽو پاڳو پاڻي ئي پاڻي ھو. پوءِ آھستي آھستي جڏھين ڪيتري قدر سمنڊ سڪي ڏرتي جو پاڳو ٿي ويو تڏھين فقط اھي سمنڊ جون مڇيون جن جو مٿيون پاڳو البت سخت ھو سي ڏرتيءَ تي بنان پاڻيءَ ۾ جيئي سگھيون. انھيءَ ڪري انھن جو انداز وڌي ويو باقي ٻيون مڇيون ته زمين تي يڪدم سڪي مري ويون. اھا ڏس قدرت جي ڪھڙي نه سٹي ڳجھارت آھي جو فقط انھن جيون کي جيئڻ جو حق مليو جن ۾ (Adoptability) يعني پاڻ ھنبائيءَ جو انگ ھو يعني جي ٻاھرينءَ قير گھير کي منھن ڏيئي ٿي سگھيا. مون توکي لنڊن جي ڪينسنگٽن ميوزم ۾ ڏيکاريو ته ڪيئن نه برف جي ملڪن جي پکين ۽ جانورن جو رنگ اڇو برف وانگي ۽ گرم

ملڪ جتي وڻڪار ۽ پوک جام ٿئي ٿي اتي ج
۽ جانورن جو رنگ وري انيجي قدرتي نظار
مشابهت رکندڙ هو. اهو ڏيکاري ٿو ته جانورن
قدرت اهو پاڻ هنڌائيءَ يا ماحول حالتن انوسار پاڻ
ڦهڪائڻ جو انگ ڏنو آهي. ٿڌن ملڪن جي جانور
کي وري پاڻ کي ٿڌ کان بچائڻ لاءِ پشم ٿيندي آهي
ڏس انهي ۾ قدرت جو کيڏو نه راز رکيل آهي! برفو
جي جانورن ۽ پکين جو جيڪر برف وانگي رنگ اڇو
نه هجي ته شايد سگهوئي دشمن جي ور چڙهي وڃن
يا جي وڻڪار ۽ گلن ڦلن جي وچ۾ اهڙن ئي نظارن
جي رنگ جا پکي ۽ جانور نه هجن ته جيڪر انساني
اکين کي مشڪل دوکو ڏيئي سگهن. خبر اٿيئي ته
گهاٽي جهنگل ۾ چيتي ٿي نظر چڙهڻ ئي مشڪل آهي
سندس رنگ ڏکو ۽ پٽا پٽا پريان اکين نظر ايندو آهي
جئين گهاٽي ٻيلي ۾ سج جا ترورا- ڏس ڪيئن نه سڀ
پکي ۽ جانور انهي پاڻ هنڌائيءَ جي انگ سان پاڻ کي
بچائيندا ۽ وڃائيندا پيا اچن! اهو پاڻ هنڌائيءَ جو انگ
ئي اٿيئي جنهن جي زور تي سڄي اتپتيءَ جي واڳ ٿي
آهي. ڏس ته ڪيئن نه "حياتي" قدرت جي حالتن
پٽاندڙ هڪ مڇيءَ مان قرندي اڇي! انسان جو روپ
ورتو آهي! ڏس "قدرت" ڪيئن نه آهستي آهستي وڃي
ٿي ڪماليت کي رسندي! هوءَ نڪو ٽڪجي نڪو
آرام ڪري سڀائين پيئي هلي. مون توکي ٻڌايو ته ڏرتي

جيئن جيئن ويڻي ٽرندي ۽ رهڻ
ٽ قسمين قسمين جا جيو ٻه ويا

پاڻي ۾ جا جيو، تنهن کان ٻوه اهي
ي توڙس سڪي ٻنهين تي جيئي ٽي سگهيا،
ر ڪڇئون وغيره. ٻوه وري اهي جانور
ٻو ڏرتيءَ تي جيئي ٽي سگهيا. تنهن کان ٻوءِ
ي جي هوا ۾ اڏامي سگهيا. ڏيڏر هڪ سڏو
اهي جنهن جي ايياس ڪرڻ سان خبر پوندي ته
ياڻيءَ" ڪيئن ڦيرو کاڌو آهي.

شروعات ۾ گهاڻا ٻيلا گهڻا هڻا جنهن ڪري زمين
ٻ چڪڻ وانگر هوندي هڻي پر ٻوه مٽس ٽڪرين ۽
جبلن جي ڏاڪ هڻڻ ڪري اها زمين ويڻي هيٺ ڏهي
ڪوٽلا ٽيندي. توڪي خبر آهي زمين جي اونهي ڪوٽبي
ته ڪٽي ڪٽي ڪوٽلن جون ڪاٽيون نظر ايندڙون.

پهريان ڏرتيءَ جا جانور هڻا نانگ بلائون ڪڇئون
واڳهو وغيره ڪي ڪي ته انهن سان سڏو سڏو فوٽ
ڏگها ٽيندا آهن. سون توڪي اهي سڀ لنڊن جي ميوزم
۾ ڏيکاريا هوا، تنهن کان ٻوه وري اهي جانور پيدا
ٽيا جي پنهنجي ڇڻن ڪي ڏارائي ۽ پالي سگهيا ٽي.
انهن سڀني جانورن ۾ انسان سان مشابهت رکندڙ جانور
پولڙو آهي. انهيءَ ڪري ٽي ڪي سمجهندا آهن ته اسين
ماڻهو انساني جنم ونڻ کان اڳ پولڙا هواسين.

اهوئي شايد سبب هجي جو شروعاتي انسانن ۾ مرون جي وچ ۾ کو گهٽو تفاوت کونہ هو.

پر هاڻي تہ انسان وڌندو ۽ سڌرندو انهيءَ درجي تي رسيو آهي جتي نکو آهي سندس انت نکا آهي سندس حد.

پر تڏهين بہ کڏهين کڏهين اها يادگيري پيو ئي تہ شايد سچ پچ اسين پولڙن جا ويجها عزيز آهيون، چاکاڻ تہ اڄان بہ اسان ۾ کي قدر پولڙن جا لڇڻ آهن.

انسان جو اڇو

پياري اندرا،

اڳئين خط ۾ مون توکي ٻڌايو تہ شروعات ۾ "حياتي" ڪيئن وارد ٿي ۽ پوءِ آهستي آهستي ڪيئن نہ جوئين جو چڪر ڦرندي هزارن ورهين جي عرصي ۾ اڇي اڇوکي ڪماليت کي رسي آهي. پر انهيءَ جوئين جي چڪر ۾ سڀ کان سٺي گهالهہ جا اسان ڏٺي سا اها تہ ڪيئن نہ جانورن ۾ ٻہ پاڻ هنڌائي جو انگ سمايل آهي. انهيءَ گڻ هٿ ڪري ٿي "حياتي" پنهنجي بچاءُ ۽ ترقي ڪري سگهي ۽ انهي گڻ دوران ٿي اڄ "حياتي" هڪ اوج ۽ بي انت درجي تي پهتي آهي. ڏس "حياتي" پهرين تہ فقط انهن جانورن جي روپ ۾ هئي جن کي هڏا ٻہ ڪونہ هئا. پوءِ وري انهن جانورن جو روپ ورتائين جن کي فقط پٺيءَ تي هڏو هو. هاڻي ياد ڪري ڇڏ تہ سرشتيءَ ۾ ٻن قسمن جا جانور آهن، هڪڙا هڏن سان ٻيا هڏن کان سواءِ.

هاڻي ڏسون تہ مڇين جي اڻپتي ڪيئن ٿي ٿئي. مڇيون هزارن جي عدد ۾ آنا لاهيندڙون آهن. پر انهن جي ڪنهن ٻہ نموني ۾ سنڀال ڪونہ ڪن. فقط آنن

لاهڻ جو ڏي ڪم ڪن. انهيءَ ڪري ڪٿين آنا زبان ٽيو وڃن. فقط ڪي ٿورا وڃي مڃين جي صورت وڻن. ڏس تہ سنڀال نہ ٿيڻ ڪري حياتين جو ڪيڏو نہ زيان ٿو ٿئي! هاڻي وري اچون ٿا انهن جانورن تي جي مڃين کان البت اوچي درجي جا آهن. اهي آهن پکي. اهي بہ آنا لاهين ٿا پر گهٽ انداز ۾. تو ڏٺو هوندو تہ ککڙ ڪيئن نہ آنا لاهي متن آڙو ويهي ڪندي آهي. وري جڏهن اهي آنا ڦٽي چوزا ٿين تہ بہ ڪجهہ وقت تہ انهن جي سنڀال ڪري ۽ ان چڪي آڻي کارائين هاڻي وري اڄ انهن جانورن تي جي آڏا ڪونہ لاهين ۽ر انسان وانگي ٻچڙا پيدا ڪري انهن کي ڏاڙين ۽ پالين جهڙوڪ ڪڪو، ٻلي، سها وغيرهہ. پر انهن جي اولاد جو بہ ڪي قدر زيان ٿئي ٿو. چاڪاڻ تہ اهي بہ خاص ڪري سها گهٽي انداز ۾ اولاد چٽين ٿا جن مان ڪجهہ بچي تہ ڪجهہ مري. پر هاڻي گهوڙو ۽ گانهہ اهي تہ وقت سر فقط هڪ ٻچو پيدا ڪن جنهن کي پنهنجي کير سان پالي نپائي وڏو ڪن. تون ڏسندينہ تہ انهن جانورن ۾ انسان وانگي ماڻا پڻي جو انگ بہ آهي. پهريان بي سمجهہ جانور جي فقط آنا لاهي وڃن اڇلائيندا. تنهن کان پوءِ سمجهو جانور جي ٻچا پيدا ڪري انهن کي پالين ۽ سنڀالين. آخر تہ نيٺ آيو سڀ کان سمجهو ۽ روشن دماغ جانور "انسان" جو تہ توکي خبر آهي تہ ڪيئن نہ پنهنجي اولاد جي سار

سنڀار لهندو آهي.

جيئن مرون ۾ درجا آهن تيئن انسانن ۾ بہ درجا آهن. پهريان انسان ته صفا جهنگلي ۽ بي سمجهہ هوندا هئا. کين اڃ باندر اڃ انسان کوڏجي ته بہ ڏهي وڃي. توکي ياد هوندو تہ جرمني ۾ هيڊلبرگ ۾ مون توکي هڪ جهوني زماني جي ماڻهوءَ جو هڏن جو پنجرو (Skeleton) ڏيکاريو هو جو کيڏي نہ حفاظت سان ڪجوڙيءَ ۾ سانديي لکائي رکيو هوائون.

شروعات ۾ ڌرتيءَ تي اهڙن ٽڏ هئي جو تن ڏينهين دنيا کي چوندا ٿي برف جو جڳ هئا. نارٿ پول ۾ اڄ جيڪي برف جا ٽکر (Glaciers) ڏسبا آهن سي اڳي انگلنڊ ۽ جرمنيءَ تائين هئا. سائنسدان چون ٿا تہ ميڊيٽيرين سمنڊ اڳي فقط هڪ وڏي شاهي ڍنڍ هئي. تن ڏينهن (ريڊسي) جو تہ پتو بہ ڪونہ هو. اسان جو هندستان بہ چون ٿا تہ هڪ وڏو ٻيٽ هو. سمنڊ شايد فقط پنجاب پاسي هو. خيال تہ ڪري ڏس تہ سڄو ڏکڻ هندستان ۽ وچ هندستان فقط هڪ وڏو ٻيٽ هجي جنهن کي سمنڊ همالين جبل کان جدا ڪري ڇڏيو هجي.

تن ڏينهن تہ مسوريءَ بہ شايد جهاز جي رستي وچڙو پوي ها.

پهرين جڏهين انسان پيدا ٿيو هوندو تڏهين پنهنجي چوڌاري فقط جانورئي جانور ڏسي کهڙو نہ ڊپ ۽ هراس ۾ وقت گذاريو هونداٿين! پر اڄ تہ ڏس تہ کيئن نہ

انسان سڀني جانورن جو مالڪ بڻيو ويٺو آهي. ڪن کي پالي ته ڪن جو وري پنهنجي سوج لاءِ شڪار ڀيو ڪري.

ڏس انسان جو هيڏي اوچي درجي تي وڃي رسيو آهي سو نه پنهنجي شريرڪ ٻل جي ڪري پر فقط دماغي شڪتيءَ جي ڪري. اهو عقل ئي آهي جنهن جي مدد سان انسان هٿڙي اوچي مقام تي پڳو آهي.

تنهن ڪري اڄ به بي سمجهه انسان ۽ مرونءَ جي وچ ۾ خير ڪو تفاوت سمجهڻ ڪڇي.

پهريون ڳالهه جا انسان پنهنجي مغز دوران ڳولهي ڪڍي سا اها ته باهه ڪيئن ٻارجي- هينئر باهه تيلي ۽ ماچيس سان ڏا ٻاريون. پر اڳي ته ماچيس ڪونه هٿا. پوءِ خبر اٿيئي ته باهه ڪيئن ٻار بي هٿي؟ به شيون پاڻ ۾ گهٻيون هيون ته باهه جو الو نڪرندو هو. ڪنهن مهل شايد اوچتو جهنگل ۾ ٻن شين جي گسڻ سان اچي باهه لڳي هوندي. سو انسان مغز هلائي اها ڳالهه جاچي ان جو فائدو ورتو هوندو. پوءِ ته باهه ڪيس گهڻن نمونن ۾ ڪتب آئي. وڏي ڳالهه جا سندس فائدي لاءِ ٿي سا اها جو باهه جي چمڪات تي سڀ جانور ڍڇي ويا هوندا. ڏس انسان ڪيئن نه مغز هلائي سڀني خوفن کان ويو پاڻڪي آجو ڪندو!

شروعاتي انسان

پياري اندرا،

اڳين خط ۾ مون توکي ٻڌايو ته ڌرتيءَ جو ايپاس اسان کي قدرت جي ڪتاب دوران ڏي ڪري گهرجي. برندڙ جبل، ڏکريون، سڄ ۽ چنڊ تارا، نديون سمنڊ ۽ چشمان اهي سڀ انهي قدرت جي ڪتاب جا ورق آهن. اهو ڪتاب هردم اسان جي اڳيان کليو رکيو آهي. پر اسين رڳو پڙهڻ سکون. جي هڪ واري پڙهڻ سکياسون ته اسان کي منجهائنس سيني ڏند ڪتائن کان وڌيڪ مزو ايندو. انهيءَ ڪتاب دوران اسان کي خبر پوينءِ ته ڌرتيءَ تي سڀني قسمن جي جانورن گڏي جنم ڪونه ورتو. پهرين هڪڙن پوءِ ٻين. تنهن کان پوءِ وري انسان. پر انهن ڏينهن جا انسان کو اسان جهڙا ڪونه هئا. هو صفا بي سمجهه ۽ جهنگلي هئا. مرون ۽ انهن جي وچ ۾ کو گهڻو تفاوت ڪونه هو. پر انسان منجهه ويچار جي سگهه سمايل هئي جنهن جي ڪتب آڻڻ سان هو آهستي آهستي ويو سڌرندو ۽ جانورن کان مٿاهون درجو پائيندو- هاڻي ته تون ڏسندينءِ ته هيڏي پربت جيڏي هاٿيءَ کي به ڪيئن نه هيڏو

انسان پنهنجي مرضيءَ مطابق پنهنجي قبضي ۾ رکي جيڏانهن وٹيس تيڏانهن هلائي ٹو سگهي. اها انسان جي اوچائي ۽ طاقت فقط مغز ۽ عقل جي ڪري ٹي آهي. مغز هلائڻ سان انسان ويو پنهنجي سهنج ۽ سک لاءِ گهڻي قسمن جون شيون گهوليي ڪيندو. باهر ٻاري سگهيو- گهر ٺاهڻ، ان پيدا ڪرڻ، ڪپڑو لٹو ٺاهڻ مطلب ته پنهنجي عقل سان ويو پاڻ کي سکي ڪندو. مرد ۽ زالون پنهنجي پنهنجي جماعت ٺاهي کا نه کا جگهه چونڊي اتي ويا پنهنجي پنهنجي بيلڪ ڪندا ۽ اهڑي طرح ويا شهر ٻڌيا. شروعات ۾ ماڻهو ضرور ٻيلن يا جهنگلن ۾ رهندا هوندا ۽ ڪائيندا به. شايد ڦل ڦول هوندا. ڪيتري وقت تائين ته لکندا به. وٹن جي پٹن تي هٹا. اڄان تائين به ڪن لٹيررين ۾ وٹن جي پٹن تي هٹ سان لکيل ڪتاب قائم آهن. انهن ڏينهن ۾ ڪي ڇاپخانا ۽ مشينون ڪونه هيون پر هوه آهستي آهستي انسان جي محنت ڪري دنيا ويئي واڌارو ڪندي. شهرن سان ملڪ ٹيا، ملڪن مان قومون ٹيون. جي ماڻهو هڪ ٻي کان پري ٹي وڃڻ ڪري هڪ ٻي کي سڃاڻي نه سگهيا سي وري هڪ ٻي کان پاڻ کي ستريل ۽ اڌم سمجهڻ لڳا ۽ اڻين ويو جاتي پيدا ۽ نفاق وڌندو جنگ جهيڑو ۽ ڪونس بازي سب انهي جدائيءَ مان پيدا ٹيا. پر اڳيان ماڻهو ته چٹجي ڪٹي ته جهنگلي هٹا پر اسين هن زماني جا ماڻهو جي پاڻ کي هڏو داناهم

۽ سڌريل ٿا سمجهون سي به انهيءَ آوچ نيچ ۽ جنگ جهيڑي کان آجا کونہ آهيون.

اڳين ڏينهن جا راجائون پنهنجي کاروباريءَ جو حال احوال به پٽرن تي لکندا هئا. الهہ آباد جي قلع ۾ پٽر جي ٽنيي تي ٽو کي اهڙا اکر اکريل ڏٺا هوندا. اهي راجا اٺوڪ جي وقت جا اٺي، جو کي هزار ورهيہ اڳي هندوستان تي راج کندو هو. لکنو ميوزم ۾ به گهڻيئي اهڙا پٽر آهن جن تي اکر اکريل آهن. جهوني زماني جي تاريخ ايپاس کرڻ سان توکي خبر پوندي نہ چين ۽ مصر کن وقتن ۾ کهڙي نہ اوج تي رسيل هئا ۽ يورپ کهڙو نہ جهنگلي قومن سان پريل هو! خبر اٺي ته جن ڏينهن راماڻ ۽ مهابارت رچيا ويا هئا تن ڏينهن ۾ اسان جو پارت کهڙو نہ شاهوکار ۽ زبردست ملک هو؟ اڄ اسان جي هيٺي حالت آهي چاکاڻ تہ اسان تي ڌاري حکومت جو راج آهي اسين آزاد قوم کونہ آهيون. پنهنجي ملک لاہ کجهہ به نٿا کري سگهون. پر اٺين کو سڌائين کونہ ٽيندو. اسان جي محنت ۽ قرباني سان وري اسان جو پارت موڙي پنهنجو وڃايل اوج ماڻيندو. نيٺ اهو ڏينهن ايندو جو اسان جي لکها غريب پاڻرن جي بدقسمتي دور ٽيندي ۽ اسان جو هندستان به ٻين ملکن وانگر سکيو ستابو، آزاد ۽ رهڻ لائق ٽيندو.

جھوني ۽ نئين پٽري جڳھ جا ماڻھو

پياري اندرا،

اڳئين خط ۾ مون تو کي سمجھايو تہ انسان ۽ مرون جي وچ ۾ تفاوت فقط سمجھ جوئي فرق آھي. جي انسان ۾ سمجھ نہ ھجي ھا تہ جانور جيڪر جيئڻ کونہ ڏينس ھا. ۽ انسان پنھنجي سمجھ کري سڀني جانورن کان مٿاھون ٿي ويو. شروعات ۾ کي ھٿيار پنوھار کونہ ھٿا. جانورن کي پٿر اڇلائڻ سان ٿي پڇائي کيبو ھو. پھريان ھٿيار جي انسان پنھنجي بچاء لاء ڪاھياسي پٿرن جا ھٿا. مون تو کي کيسنگٽن ۽ جنيوا جي ميوزم ۾ اھڙا پٿرن جا ھٿيار ڏيکاريا ھٿا.

آھستي آھستي وچ يورپ ۽ ايشيا مان برف گھر ٿيندي ويئي ۽ پوء ماڻھو بہ وڌا ٿڙندا پکڙندا. انھن ڏينھن ۾ نڪي جايون جڳھيون ھيون، نڪي کي پنيون ھارا ھٿا. ماڻھو غارن ۾ رھندا ھٿا ۽ ڦل ڦول تي گذران ڪندا ھٿا. تن ڏينھين نہ کو رڌڻ جا برتن ھٿا نڪو ڏي کو ماڻھن کي ڪجھ رڌڻ اينڌو ھو. جي

کٹي گوشت کائيندا هوندا ته ۽ نقط ٻاهه تي سيکي.
پر هي ڏس کڻڻ ۽ عجب جي گالهه آهي جو انهن جهنگلي ماڻهن کي ۽ ڊرائنگ ۽ نقش کيڏڻ جو هنر ايندو هو. انهن ڏينهن ۾ کي پنا پينسلون يا مس کونه کوندا هئي سو چا کندا هئا جو پٿر جون سنهيون سيون ٿاهي انهن سان غارن ۽ وڻن پٿرن جي ڇپن تي ويهي جانورن جون شڪليون کيڏندا هئا. تن ڏينهن جي ماڻهن کي Palaeolithic men يا پٿري جڳهه جا ماڻهو ڪري سڏبو آهي. ڇاڪاڻ ته هو سڀ اوزار ۽ هٿيار پٿرن مان ٺاهيندا هئا. انهن کي اڄا ڌاتن جي خبر کانه هئي.

جيئن برف جي گهر ٽيڻ سان زمين ويئي روز بروز وڌيڪ گرم ٿيندي ڏٺائين وڻ ٽڻ ۽ ٻيلا بهه ويا وڌندا پٿري جڳ جي ماڻهن کان پوءِ جيڪي ٻيا ماڻهو آيا تنڪي (Neolithic) ڏين پٿري جڳهه جا ماڻهو ڪري سڏيندا هئا. اهي ماڻهو بيشڪ چالاڪ هيا. انهن گهٽي قدر پنهن جو واڌارو ڪيو. انهن پيدائش جو ڏنڏو اختيار ڪيو پنهنجون ٻارا سڀ انهن جي ڏينهن ۾ شروع ٿيا. هاڻي انهن جو پيٽ قوت سولائي سان ٽيڻ لڳو. هن کي سڄو ڏينهن پيٽ قوت واسطي جانورن جي شڪار لاءِ ڀڄڻ جو ضرور کونه ٿي پيو. جيئن جيئن انهن کي وقت ملندو ويو تيئن تيئن هو مغز هلائڻ ۾ سکندا ويا هو ٻارن مان ٽپا جوڙڻ لڳا. ڪپڙي اڻڻ جو کهه ۾ سکڻ لڳا. پنهنجي رهڻ لاءِ وڻن جي پنن جون

ڪٽيائون ۽ جھوپڙيون اڏڻ لڳا. ڳاڻ مينھن ۽ ھڪري ۽ جھڙا ڪمائڻا جانور به پالڻ لڳا. تن ڏينھن ۾ ماڻھو گھٽو ڪري جھنگلي جانورن کان پاڻ بچائڻ لاءِ پنھنجون جھوپڙيون ديڏن جي ڪنارن تي ٺاھيندا ھئا. تون چوندين تہ انھن ڏينھن ۾ ڪتاب ڪونہ ھئا پوءِ ان زماني جي ماڻھن جي اسان کي ھيتري قدر خبر ڪيئن پيئي. پر سون تہ توکي اڳي ٻڌايو آھي تہ قدرت جو وڏو ڪتاب ھردم اسان اڳيان کليو رکيو آھي. ڪيترن ماڻھن پنھنجون سڄيون حياتيون قربان ڪري ھن قدرت جي ڪتاب مان اڳئين زماني جون نشانيون ڳولھي ڪڍيون آھن. جي اڄا تائين بہ ڪن ميوزمن ۾ رکيون آھن. سون توکي ڪيترين اھڙي قسم جون شيون ڏيکاريون ھونديون پر توکي شايد وسري ويون ھجن. ھينئر وري جيڪر اھي ڏسين تہ ڏاڍو سولائي سان اڳئين زماني جي تاريخ سمجھي سگھين. جنھوا جي ميوزم ۾ مون توکي ڏنڊ جو نمونو ڏيکاريو ھو تہ ڪيئن اڳيان ماڻھو اتي رھندا ھئا. ڪاٺ جا پول اندر زمين ۾ ڪتل ھئا انھن پولن جي مٿان وڏو پليٽفارم ھو جنھن تي جھوپڙي اڏيل ھئي اھا جھوپڙي وري ھڪ ننڍي پل جي دوران زمين سان گڏيل ھئي. تن ڏينھن جا ماڻھو سڌي ۽ جانورن جي وارن جا ٺھيل ڪپڙا پھريندا ھئا. نئين جڳھ جي ماڻھن ايترو واڌارو ڪيو جو ھو سڀ شيون ڏامي، پٿل ۽ لوھ مان ٺاھڻ لڳا. نيٺ تہ مٽين

پائڻ جو نخرو ٻه منجهن شروع ٿيڻ لڳو. اهي ماڻهو ڏکو هٿي کڻي چڙجي ته ڏهه هزار ورهيه کن اڳي رهندا هٿا. پهرين ته سون توکي لکها ورهيه اڳ دنيا جي تاريخ ٻڌائي. هاڻي ته پنهنجي هلندڙ زماني کي ويجها پوندا ٿا اچون. Neolithic ماڻهن کان اسون تمام گهڻي قدر ڦريل آهيون قدرت جي قاعدي مطابق آهستي آهستي ويا آهيون ڦيرو کائيندا زمين جي جدا جدا پاڻ ۾ جدا جدا نمونن جي آب هوا هٿ ڪري ماڻهو به انهي مطابق سان ويا هڪ ٻي کان ٻيءَ طرح جا ٿيندا اهڙي طرح ويٺون جدا جدا قومون ٺهنديون. Neolithic جڳ جي مان توکي هڪ خوفناڪ آفت جي ڳالهه ٿو ٻڌايان ته ڪيئن نه انهن ڏينهن ۾ جل مٿي ٿي هٿي. بائيبل ۽ سنسڪرت جي ڪتابن ۾ به ان بابت ڪجهه ذڪر ٿيل آهي. سون توکي ٻڌايو ته اڳي Medi-terranean سمنڊ فقط هڪ ڏنڊ هٿي جنهن ٿي ماڻهو جهوپڙيون اڏي رهندا هٿا. اوچتوئي اوچتو جبرالٽر وٽ يورپ ۽ آفريڪا جي وچ ۾ جا زمين هٿي سا لڙهي ويٽي ۽ Atlantic سمنڊ ڏوکيندو اچي هيٺين ماڙين کي ڍريو، پاڻيءَ جي اڇل اهڙي ته زبردست هٿي جو گهڻو انداز ماڻهن جو جهوپڙين سميت ٻڏي ويو چوڌاري ميلن جا ميل فقط پاڻي ئي پاڻي ٿي ويو ۽ سڀ ماڙيون ۽ ڏنڊيون ڍرجي Mediterranean سمنڊ ٿي ڇڏيو. کي ٿورا ماڻهو جي پنهنجي جان بچائي ڳچا هوندا تن اچي

انهيءَ جبل مٿيءَ جي ڳالهه ڪٿي هوندي. اها اٿي Mediterranean سمنڊ جي جنهن جي ڪناڻي. هاڻي ٻئي خط ۾ مان توکي ٻڌائيندس ته ڪيئن جدا جدا قومون ٿهيون.

جدا جدا بوليون ڪيئن ٿيون

بياري اندرا،

اهو چوڻ مشڪل آهي تہ انسان ذات شروعات ۾ دنيا جي ڪهڙن ڀاڱن ۾ جنم ورتو يا دنيا جا ڪهڙا ڀاڱا پنهنجون بيٺڪون ڪري اچي وسايا. شايد ساڳئي وقت دنيا جا ڪيترا ڀاڱا انسان ذات سان وسجي ويا هجن. پر شايد ائين هجي جو اتر هندوستان ۾ جڏهن اڄا برف ڇانئين پئي هئي تڏهن ماڻهو شايد هيٺاهن گرم ڀاڱن ۾ رهندا هوندا. شروعات ۾ تہ ڏرتي فقط شاهي بيابانن وانگي هوندي جهڙا اڄان تائين بہ سائبيريا ۾ ڏسبا آهن. پر آهستي انهن ٿي گاه جي پوک ٿي هوندي جن ٿي ماڻهن پنهنجو چوپايو مال اچي چاريو هوندو. جيڪي ماڻهو پنهنجو ڪو گهر گهاٽ اڏي هڪ هنڌ بيٺڪ نہ ڪندا آهن تن کي (No mads) سڏبو آهي. اڄان تائين بہ (gypsies) وانگي دنيا ۾ ادڙا گهٽيئي ماڻهو آهن جي هميشہ ٻيا هڪ هنڌان ٻي هنڌ رلن. شروعات ۾ گهڻو ڪري ماڻهو پنهنجون بيٺڪون ندين جي ڪنارن ٿي ڪيون هونديون جو اتي پوک سولائيءَ سان ڪري سگهيا هوندا سو مثال طور ڪري ٿا وٺون

ته شروعات جون بيڪون سنڌو ۽ گنگا ندي وغيره جي ڪنارن تي ٿيون هونديون. هندوستان ۾ پهرين پهرين قوم جنهن بابت اسان کي ڪجهه خبر آهي سا هئي دڙاور (Dravidiad) قوم. تنهن کان پوءِ آريه ۽ منگولين آيا. اڄ ڏائين به ڏکڻ هندستان جا ماڻهو دروڀدين قوم جوئي اولاد آهن. اهي رنگ جا ڪارا آهن چاڪاڻ ته ڏکڻ هندستان جو Equator جي ويجهو آهي اتي رهندي گهڻو وقت ٿيو اٽن. تنهن کان پوءِ اولهه ۾ ايشيا ۽ ايرندي طرف يورپ ۾ هڪ نئين قوم جاگي جنهن کي آريه لوڪ سڏجي ٿو. سنسڪرت ۾ آريه لفظ جي معنيٰ آهي آبرودار يا وڏ گهراڻو. اهو ڏيکاريٽو ته آرين کي پنهنجي نسل جو ڪيڏو نه فخر هو! آريه لوڪ به اڄ ڪلهه جي ماڻهن وانگي اوچائي نيچائيءَ جي پيد پاوَ ۾ اڏڪيل هئا. ڏس ته دنيا ۾ چا لڳو پيو آهي. انگريز سمجهي ته مون جهڙو ڪو ٻيو ڪونهي. فرينچ وري سمجهي ته مان سڀ کان اوچو. اهڙيءَ طرح سڀ ڪا قوم پاڻ کي پئي ڪان اڳ پئي سمجهي. شروعات ۾ آريه لوڪ ته اتر ايشيا ۽ يورپ جي سبز ميدانن ۾ ڦري پيا ڦرندا هئا پوءِ جيئن سنڌن عدد ويو وڌندو ۽ آب هوا جي خشڪ ٿيڻ سان پوڪ ٻڌ ويئي گهٽبي ٿيئن هنن کي دنيا جي ٻين پاڳن وسائڻ جو ضرور ٿيو. ڪاڏي جي ڪولا ۾ هو سڄي دنيا ۾ ويا پکڙجندا. اهوئي سبب آهي جو ڪيترا يورپ ميسوپوٽيميا هندستان ۽ ايران جا

ماڻهو انهن ساڳين آرين جوئي اولاد آهن. جيتوڻيڪ ساڳين آرين جوئي اولاد آهن. جيتوڻيڪ آريه گهڻو ڪري ڪيترين جا ابا آهن تہ بہ هاڻي تہ هو هڪ ٻي سان ايتري قدر گڏجي مسجي ويا آهن جو کنهن کي بہ نہ آريه کوئي نٿو سگهجي. ٻي وڏي قوم هئي منگولين جي. اها وري اوپر ايشيا ۾ پکڙجي ويئي. چائنا جپان، ٽيبٽ، سيام ۽ برما ۾ اهيئي ماڻهو ڏسبا آهن. انهن جو رنگ ڦڪو، ۽ سندن منهن جا هڏا ويڪرا ۽ باهر نڪتل ۽ اکيون هميشه ننڊيون ٽين. آفريڪا جا ماڻهو وري شيدي ٽين. اهي نڪو آرين جو نڪو منگولين جو اولاد آهن. عربستان ۽ پئليستائين جا ماڻهو مرڳوئي ٻيءَ قوم جا آهن. انهن مڪيم قومن مان ڪٿي هينئر تہ ڪٿين ننڊيون ننڊيون قومون ٿي پئيون آهن. انهن کي فقط سندن هوليءَ جي وسيلي ئي سڃاڻي سگهبو آهيا شروعات ۾ تہ هوليون بہ فقط ٿوريون هيون، هينئر تہ هڪ هڪ هوليءَ سان ڪٿين هوليون ٺهي پيون آهن تہ بہ اسين ايياس ڪرڻ سان چئي سگهنداسين تہ ڪهڙيون هوليون ڪهڙين هولين جو اولاد آهن. آريه لوڪ جڏهن ايشيا ۽ يورپ ۾ پکڙجي ويا تڏهين ريلوائي، تارون يا ٽپال نہ هئڻ ڪري هو هڪ ٻئي سان ڪو بہ ناتو ڳنڍي ڪونہ سگهيا. انهي ڪري هرڪا آريه لوڪ جي ٽولي پنهنجي پنهنجي نموني ۾ آريه هولي ڳالهائڻ لڳي. هاڻي تہ اهي سڀئي هوليون جيتوڻيڪ ساڳيءَ هڪ هوليءَ

مان ڪي ڪٿي ڪٿيون آهن تہ بہ هڪ ٻئي کان گهڻي قدر ڦريل آهن. سنسڪرت، لٽن، گريس، انگلش، فرينچ جرمن ۽ اٽالين انهن سڀني ٻولين جو پاڻ ۾ سوڀڻپائي ۽ جو ڪي سڳ چٽبو چاڪاڻ تہ سڀئي هڪ ڪي آريہ ٻولي ۽ جو اولاد آهن. اسان وٽ تہ وري ڪيتريون ٻوليون جهڙوڪ هندي، گجراتي، بينگالي، مرهٽي ۽ اردو آهن جي سڀ سنسڪرت ٻولي ۽ جو اولاد آهن. ٻي اصلوڪي ٻولي (Chinese) چٽنيز آهي. جنهن مان برمي، ٽپٽي ۽ سياسي ٻوليون نڪتيون آهن. ٽين ٻولي وري (Semitic) سيميٽڪ آهي جنهن مان عربي ۽ هيبرو ٻوليون نڪتيون ترڪي ۽ جپاني ٻوليون ٽئين ڪٿن مڪمل ٻولين مان نڪتل آهن. اهي پنهنجي ليکي آهن. ڏکڻ هندستان ۾ هيٺين چئن قسمن جون ٻوليون- ٽئمل، ٽيليگو، ملايا ۽ ڪنڙيز آهن. جي دروڀدين ٻولي ۽ جو اولاد آهن ۽ تمام جهونيون آهن.

جدا جدا قومون کيئن ٿيون

پياري اندرا ،

اڳئين خط ۾ مون توکي Neolithic قوم جي ماڻهن بابت ڪجهه احوال ٻڌايو جي ڏيڏن جي ڪنارن تي رهندا هئا. انهن پنهنجي سک سهنج لاءِ گهٽيئي سڌارا ۽ واڌارا ڪيا. ان پوکن ، جانور پالڻ گهر اڏڻ، رڌڻ وغيره گهڙوئي سکيا. اڄ جيڪي جدا جدا قومون اسين ڏسون ٿا سي سڀ گهڙو ڪري چئن رنگن جا ماڻهو نظر ايندا آهن. گورا، ڪارا، پيلا، ڪڪا ناسي. پر هينئر ته سڀ قومون پاڻ ۾ ايتري قدر گڏجي مسجي ويون آهن جو انهن کي چئن ورنن اندر ورهائڻ ڏي مشڪل ٿي پيو آهي. ڪيترن کي ته ڏسڻ سان هروپرو چئي نه ڪونه سگهجو ته هو ڪهڙيءَ قوم جا آهن. سائنسدان ته متي جي ماپ ڪرڻ سان به قومن جو تفاوت ٻڌائي سگهندا آهن پر هاڻي تون چوندين ته جي سيئي جدا جدا قومون هڪ ئي قوم جو اولاد آهن ته پوءِ هڪ ٻي کان هيتري قدر ڦريل ڇو آهن؟ شيدي ۽ يورپيءَ جي وچ ۾ ڏس ته ڪيڏو نه تفاوت آهي! هڪ اڇو ته ٻيو ڪارو هڪ جا وار ڊگها، هلڪا ۽ ڪڪا

تہ ہي جا وار ڏيڍ گھنڊيدار ۽ ڪارا۔ چٽا جا ماڻھو تہ مرڪوڙي ٽئين نموني جا، پيلي رنگ جا آھن۔ انھن تفاوتن لاءِ سبب آھن۔ اھو تہ مون توکي اڳ ڏيکاريو آھي تہ ڪيئن نہ خود جانور ۽ ٻاھرين قدرتي حالتن ۾ ڦاندر ويا پاڻ کي ھيرائيندا ۽ ٺھڪيندا۔ انسان بہ اڳين ڪيو۔ يورپي ۽ شيدي ھينئر جيتوڻيڪ جدا جدا قومون آھن تہ بہ ڪنھن زماني ۾ تہ ھڪ ئي قوم جو اولاد ھئا۔ ھاڻوڪو تفاوت ٻاھرين قدرتي حالتن سبب ٺھڪاڻ جوئي نتيجو آھي۔ جي انسان برف جي ملڪ ۾ رھيا تن پاڻ ۾ ڏڍ جھلڻ جي سگھ پيدا ڪئي۔ جي گرم ملڪن ۾ رھيا سي وري پاڻ کي گرميءَ ۾ ھيرڻ سکيا۔

ڏس ايسڪيمو ملڪ جا ماڻھو برف جا رھاڪو ھٿ ڪري ڪيئن تہ ڏڍ جھلي سگھن ٿا۔ انھن کي جي گرم ملڪ ۾ آڻجي تہ شايد نہ بہ جيي سگھن۔ ھنن کي برف جي ملڪ ۾ رھڻ ڪري ٻين ملڪن جي ماڻھن کان جيوت ڏي ڦريل ٿي ڪاڻي پوي۔ ھنن جون گھرجون ڏي پنھنجي ملڪ جي حالت مطابق ٿيون ٿين۔ جنھن ڪري انھن کي ھروپرو ٻين ملڪن جي ماڻھن وانگر گھڻين ڳالھين ۾ ھنرن سکڻ جو ضرور ڏي ڪونہ ٿو پوي۔ شيدي وري جيڪي خط استوا جي نزديڪ ٿا رھن سي تہ وري گرميءَ ۾ ھري وڃا آھن۔ سڄ جي تپش ڪري ھن جو رنگ بہ صفا ڪارو ٿي ويو آھي

توکي خبر آهي تہ سچ جا سنان ڪبا آهن يا ڪليل ميدانن يا سمنڊ جي ڪنارن تي رلبو آهي تہ بہ رنگ البت ڪارسرو ٿي پوندو آهي. جيڪر جي ماڻهو رهندائي اهڙن گرم ملڪن ۾ سي ڪيئن نہ ڪارا ٿيندا. هندستان جا غريب هاري ناري جي سچو ڏينهن سچ جي تپش هيٺ ٻنين ۾ ڪم ڪن ٿا ۽ جن کي بدن ڍڪڻ لاءِ بہ پورو ڪپڙو ڪونهي سي ڪارا نہ ٿيندا تہ ٻيو ڇا ٿيندا؟ رنگ جو تفاوت فقط آبهوا جو اثر اٿيئي. انهي ۾ ڪا سونهن ۽ وڏائيءَ جي گالهہ ٿي ڪانهي. اڇي ماڻهوءَ کي جي گهڻو وقت اس ۾ ڇڏيو تہ ڪارو ٿي پوندو. جيڪي شاهوڪار ڏکيا ڏوڪا اندر پکن هيٺان ويٺا هوندا تن ٿي سياويڪ سچ جو اثر گهٽ ٿيندو پوءِ پل تہ ڪٿي گرم ملڪن ۾ رهن. توکي خبر آهي تہ اسين ڪشميري آهيون. ۲۰۰ ورهيہ ڪن اڳي تہ اسان جا ابا ڏاڏا رهندائي ڪشمير ۾ هئا. ڪشمير جا ماڻهو غريب توڙي شاهوڪار تون ڏسندينءَ تہ اڇي رنگ جا هوندا. پر اهي ساڳيا ڪشميري جڏهن هيٺ لهي هندستان جي ٻين گرم پاڻ۾ن ۾ رهندا آهن. تڏهن سندن رنگ بہ ڪن سالن کان پوءِ ڦيرو کائيندو آهي. اسان جا ڪيترا ڪشميري تو ڏٺا آهن. جي ڪي اڇا تہ ڪي سانورا آهن. جيڪي گرم ملڪن ۾ گهڻو وقت ٿا رهن سي وڃن سانورا ٿيندا ۽ انهن جو اولاد بہ وڃي ائين جهڪو ٿيندو، تان جو ڪيترا ڪشميري تہ هينئر

صفا ڪارا پيا نظر اچن. پر جيڪي تمام شاهوڪار هٿ سبب پاڻ کي اس ۽ گرميءَ کان بچائي ٿا سگهن سي ته گرم ملڪن ۾ به اڇا رهي ٿا سگهن. پر پاڻ کي نه ڪري ٻين جي ٻورهٽي تي جيئي اڇو رڏجي تنهن ۾ فخر جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ اتر هندوستان جا ماڻهو جهڙوڪ ڪشميري ۽ پنجابي گهٽو ڪري اڇا نظر ايندا. پر ڏکڻ هندوستان جو ٻو چڪر جي ڏيڄهو آهي اتي جا ماڻهو ڪارا آهن جهڙوڪ مدراسي ۽ سيلوني سو رنگن جو تفاوت گهٽو ڪري ملڪ جي آبهوا تي ئي ٿو مدار رکي، پر هندوستان ۾ انهيءَ لاءِ ٻيو به ڪجهه سبب آهي. پراچين زماني ۾ ڪن ٻين قومن اچي ٻيڪون ڪيون جي رنگ جا نرالا هٿا. جيتوڻيڪ جدا جدا قومن هڪ ٻئي کان پاڻ کي ٻري رکڻ جي ڪوشش به ڪئي هوندي ته به اڄين تي کين سگهيو هوندو. قومن جو پاڻ ۾ گڏجي وڃڻ جي ڪري ئي اڄ ڪنهن به هندستان جي ماڻهو لاءِ چئي ڪونه سگهبو ته هو ڪهڙيءَ خاص قوم جو آهي.

پولين جو پاڻ ۾ لاڳاپو

پياري اندرا،

مون توکي اڳئين خط ۾ ٻڌايو ته ڪيئن آريه لوڪ ڪيترن ملڪن ۾ پکڙجي ويا ۽ ڪيئن سندن هولي به ديسان ديس ورتي ويئي. پر آبهوا ۽ قدرتي حالتن جي ڦير گهير ڪري هرڪا آرين جي ٽولي هڪ ٻي کان ڌريل نموني جي ٿيندي ويئي. هرڪا هولي پنهنجي گهرجن مطابق ويئي پنهنجي پنهنجي نموني ريتون رسمون ٺاهيندي انهن ڏينهن ۾ مسافري ڪرڻ کا سولي گهالهه کانه هئي تنهن ڪري جيڪي ٽوليون جتي ويون سي تتي ئي رهيون. نڪو هڪ ٻئي سان گڏجي سگهنديون هيون نڪوئي ڪو هڪ ٻئي جو پتوئي پوندو هون. اهڙيءَ طرح صدين گذرندي ويڪا آکهه ويئي پنهنجي نموني ٿيندي. تنهن ڪري سياويڪ اهو سڀني کان وسري ويو ته ڪو سڀئي آريه اصل ۾ هڪ ڏي ڪتب جو اولاد آهن. سندن هولي به گهٽين هولين ۾ ورهائجي واپرهه لڳي. هينئر جيتوڻيڪ هرڪا هولي پنهنجي نموني جي آهي ته به اپياس ڪرڻ سان ڪيترا مشابهت رکندڙ اکر سنجهن لهندا. انهي مان ڏي ثابت آهن ته هي

سڀني جدا جدا ٻولين هڪڙي ساڳي ٻولي
جو اولاد آهن ڏس هي ٻہ عام چالو اکر ڪٽي ٿا
جاڇيون. (Father & Mother) سنسڪرت ۽ هندي
۾ انهن کي ماتا ۽ پتا چئبو آهي لٽين ۾
"Pater & Mater"، گريڪ ۾ "Pater & Meter"
جرمني ۾ "Vater & Mutter" فرينچ ۾ "Pere &
Mere". ڏس سڀني اکرن جي هڪ ٻئي سان ڪيتري
نہ مشابهت آهي ائين ٻيو لڳي ڇڻ ته پاڻ ۾ سڏ ٺپائي
جو سڳ اٽن. ٻولين جو ايپاس ڏاڍو وندرائيندڙ ٿيندو
آهي. منجهانئس ڪيترين ئي ڳالهيون سکي سگهجن
ٿيون. جي ٻہ چار ٻوليون سکليون هجن ته ٻوه باقي
ٻيون سڀ ٻوليون سکڻ سوليون آهن. اسين سڀ جي
هينئر هڪ ٻي لاءِ ڏاريا ٿي ٻيا آهيون سي ڪنهن
وقت مڙيوئي هڪڙي قوم جو اولاد هٿاسين. اسان کان
هينئر اهو اڳيون پاڻپي جو سڳ وسري ويو آهي.
سيکو هڪ ٻي کان پاڻ کي جدا ٻيو سمجهي سڀني
قومن جي وچ ۾ رکو اوچائي نيچائيءَ جي ڇڪ ٽاڻ
هلي رهي آهي. اجايو هٺ سڀني کي ويڙهي ويو آهي.
ڪير ڪنهن کي پاڻ جهڙو ڪري ڪونہ ٿو سمجهي.
حقيقت ۾ ته ڪوبہ انسان گڻ ٻا اوگڻ کان آجو
ڪونهي. ڪن ۾ ڪهڙا گڻ ته ڪن ۾ ڪهڙا گڻ.
هر ڪنهن قوم ۾ ٻہ ڪي خاصيتون ته ڪي گهٽتايون
ضرور ليندينون. اسان کي سڀ ڪنهن گڻ جو گرهڻ

۽ اوگڻ جو نيڪال ڪرڻ گهرجي. البت اسان جو خاص واسطو تہ پنهنجي ئي ملڪ هندستان سان ٿيڻ گهرجي. اڄ ڏس اسان جي وطن پارت جي ماڻهن جي ڪهڙي نہ ڏوکوئيندڙ حالت آهي! اسان جا ڪٽين پائر بڪيا ۽ دکي آهن، جن لاءِ تہ جيڻ ۾ ڪوبہ مزو ڪونهي. اسان جي اڳيان هينئر تہ اهوئي مقصد هڻڻ گهرجي تہ انهن جي بک ڪيئن دور ڪريون؟ اسان کي ڪپي تہ جيڪي جيڪي نمونا ۽ رسمون اسان جي ملڪ لاءِ ڪارگر ۽ فائديمند هجن، تن جي رکيا ڪريون، باقي هين سيني نقصانڪار طريقن ۽ رسمن کي ٽوڙي ڪيڏون. هين ملڪن جي گڻ جهڻ ۾ ڪو بہ اهنج ڪونهي. جيتوڻيڪ اسان کي اها گهاڻہ ڏيان ۾ رکڻ ڪپي تہ اسين هندستاني آهيون اسان کي هندستان ۾ ئي رهڻو آهي، ۽ اسان کي ئي ان کي نئين سر اڏڻو آهي. پر تہ بہ ساڳئي وقت اسان کي اهو نہ وساڙڻ ڪپي تہ سڀ دنيا جون قومون "انساني سنگ" سان هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. ڪهڙي نہ سٹي گهاڻہ ٿئي جو سڀ دنيا جون قومون سکي ۽ صلح سانت سان گذارين! اسانجو هينئر اهوئي ادم هڻڻ گهرجي تہ ڪيئن دنيا ۾ سک سانت ۽ راضپو پيدا ڪجي.

سڀيتا ڇا کي ٿو چئجي

پياري اندرا،

هن خط ۾ مان تو کي پراچين سمي جي سڀيتا (Civilisation) بابت ڪجھ، ٻڌائيندس. پر ڀرين انسان کي سمجھڻ ڪپي ته "سڌارو" يا "سڌريل" ڇا کي ٿو ڪوٺجي؟ ڊڪشنريءَ ۾ "سڌارڻ" لفظ جي معنيٰ آهي "بهتر ڪرڻ." سڌارو گهڻو ڪري انسان، سماج يا قوم جوئي ٿي سگهيٿو. انسان پنهنجي اڻ سڌريل حالت ۾ مرونءَ سمان آهي. اهڙي انسان کي جهنگلي سڏڻ ئي واجب آهي. انسان جيئن پاڻ مان پسون پٽي جو انگ ٽڙي ڪيندو وڃي تيئن هو وڌيڪ سڌرندو وڃي. جيڪي پسون پٽي يا جهنگلپٽي جي ابتڙ آهي تنهن کي ئي "سڌارو" چئجي ٿو: يعني ته جيڪو سياڻ پسون پٽي سان مشابهت رکي سو "اڻ سڌريل" ۽ جيڪو پسون پٽي جي ابتڙ تنهن کي "سڌريل" چئي سگهجي ٿو. پر اڄ ڪالھ، ته سمجھي نٿو سگهجي ته ڪهڙيءَ سماج کي سڌريل ۽ ڪهڙيءَ کي اڻ سڌريل چوڻ ڪپي. يورپ جا ماڻهو ايشيا جي ماڻهن کي اڻ سڌريل ۽ پاڻ کي ڏاڍو سڌريل سمجھن ٿا.

شايد هو ايشيا ۽ آفريڪا جي ماڻهن کان ڪپڙا گهٽا ٿا پائين تڏهن ٿا پاڻ کي وڏيڪ سڌريل سمجهن. پر ڪپڙا گهٽا يا ٿورا پائڻ سو ته ملڪ جي آبهوا تي ڏي ٿو مدار رکي. گرم ملڪن ۾ گهٽا ڪپڙا ڪيئن پائي سگهبا؟ ڪين جنهن ماڻهوءَ کي هٿيارن جي طاقت هوندي سو بنا هٿيارن واري ماڻهوءَ کان وڏيڪ سڌريل هجي يا نه، ٻر جي بنا هٿيارن وارو ڪيس اڻ سڌريل ڪوئي ته يڪدم سندس هٿيارن جو شڪار ٿئي! تو کي خبر آهي ته رڳو ٿورا سال اڳي دنيا ۾ مهاپاري لڙائي لڳي. گهٽو ڪري سيني ملڪن ٻهرو ورتو. هر هڪ ملڪ جي اهائي آس هئي جيترو ٿي سگهي اوترو دشمن ڏر جا گهٽا ماڻهو قتل ڪجن. انگريز جرمن کي مارڻ جي ڪوشش ڪن ته، جرمن وري انگريز کي ناس ڪرڻ جا سعيا ڪن. لکها ماڻهو انهيءَ لڙائي ۾ ڏٻا ۽ هزارين جڏا ٿي ڪرجي پيا. ڪن جون ٽنگون ڇٽ ته، ڪن جون اکيون ڇٽ. سون تو کي اهڙا جنگ جا قتيل ۽ ٻنگلا ٽيل ماڻهو گهٽيئي فرانس ۽ ٻين ملڪن ۾ ڏيکاريا پٽرس جي (Under-ground) زير زمين ريلوي ۾ جنهن کي (Metro) سڏجي ٿو اتي اهڙن ماڻهن لاءِ خاص جڳهيون ڏهيون آهن. تون سمجهين ٿي ته، اهڙا انسان جيڪي هڪ ٻئي کي ناس ڪن تن کي "سڌريل" ڪوڏ ڪبي؟ جي رستي تي ٻڌا دوبدو وڙهن ته. ٻوايس وارو يڪدم اچي کين روڪيندو. جي ائين رستي

ٽي هڪ ٻئي کي ناس ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن تن کي وري سڌريل ڪيئن چئي سگهبو؟ جي ان چئن جي وڙهڻ کي "اڻ سڌريل" چئجي ته ان قومن جي وڙهڻ کي وري "سڌريل" چـو ڪوٺ ڪپي؟ ٻـر جي اسين انهيءَ -ن ورتيءَ سان ڏسنداسين ته اسان جي نظر ۾ سڀ ملڪ، انگلنڊ، فرانس، جرمني، آمريڪا ۽ ٻيا اڻ سڌريل ڏسڻ ۾ ايندا. هاڻي ڏون چوندينءَ ته انهن ملڪن ۾ ته گهڻيئي سٺيون گهاڻيون ۽ سڌريل ماڻهون آهن. بيشڪ ائين آهي، ۽ اهوئي سبب آهي جـو "سڌريل" يا "سڌاري" اکـر جي معنيٰ سمجهڻ ڈکـي ٻيئي لڳي. عاليشان عمارتون، سهڻيون مورتون ۽ سٺا ڪتاب، اهي بيشڪ سڌريـل سماج جون ٿـي نشانيون چئبيون. پر انهن سڀني گهاڻين کان وڌيڪ سڌريل سماج جي سڀني ۾ سڀي ٿابتي اهي انسان ٿي سگهن ٿا، جي ٻين جي ٻلي لاءِ هردم جان جـوکي ۾ وجهڻ لاءِ تيار آهن. اڪيلي ڪم ڪرڻ کـان گـڏجي ڪم ڪرڻ بهتر آهي، پر ڪم سڀني ۾ سڀو به اهو آهي، جو عام جي ٻلي لاءِ آهي.

جماعت جو ٹهوٽ

پياري اندرا،

سون توکي اڳئين خطن ۾ ٻڌايو آهي ته شروعاتي انسان کيترو قدر نه جانور سمان هو. هزارن ورهين جي عرصي ۾ آهستي آهستي پاڻ کي سڌاري ويو بهتر ڪندو. شروعات ۾ ته اڪيلي سر جهنگلي مرون٭ وانگي ٿي شڪار ڪري پنهنجو گذران ڪندو هو. پوءِ آهستي آهستي محسوس ڪرڻ لڳو ته اڪيلي گذارڻ کان جماعت جو اجهو وڏو وڏيڪ سلامتي وارو آهي. جماعت ۾ انسان وڏيڪ طاقت وارو ۽ سلامت رهي ٿو. خود جانور به پنهنجي سلامتيء لاءِ گهٽو ڪري پنهن جو ڏڻ ٺاهيندا آهن. ريون هڪريون توڙي هاٿي به گهٽو ڪري ڏسنديءَ ته سڀ پنهنجو، پنهنجو ڏڻ ٺاهي لنگهندا. تو ڪتابن ۾ بگهڙن جي ڏڻ جون آ ڪاڻيون پڙهيون هونديون. رشيا ۾ سياري جي موسم ۾ بگهڙ جڏهن بکايل هوندا آهن، تڏهن سڀ پنهنجي جماعت ٺاهي وڃي انسانن تي ڪاهون ڪندا آهن. اڪيلي سر خود بگهڙ به انسان تي ڪاه ڪرڻ ڏچندو، پر جماعت ۾ ته سولائيءَ سان ماڻهو تي ڪاهي اينداآهن. ماڻهن

کي پڄي لکڻو پوندو آهي. گهٽيئي پيرا ۾ بگهڙن ۽ ماڻهن جي چڪري اچي لڳندي آهي. ماڻهو برف تي ترکندڙ گاڏين ۾ چڙهي پوءِ وڙهندا آهن. پهريون سڌارو جيڪو انسان ذات پنهنجي لاءِ ڪيو سو اهو جو گڏجي پنهنجون جماعتون ٺاهيون ۽ پاڻ ۾ گڏجي ڪرلي ملي ڪم ڪرڻ سکيا. گڏجي ڪم ڪرڻ تنهن کي هڏي يا (Co.operation) چئبو آهي. جماعت ۾ ڪم ڪرڻ ڪري سياڻپ هر ڪنهن ماڻهوءَ کي پهرين پنهنجي جماعت جو ۽ پوءِ پنهنجو خيال ڪرڻو پوندو. جماعت جي ڪنهن خوف خطري هيٺ اچي وڃي ته ماڻهو جو فرض آهي ته، پاڻ وساري پهرين پنهنجي جماعت کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري، جي ڪوبه ماڻهو جماعت لاءِ ڪم نه ڪري ته انهي کي ڏکي ٻاهر ڪيڻ کپي. هاڻي ڏس جي ماڻهو پاڻ ۾ گڏجي ڪم ڪندا ته ضرور ڪونه ڪو خاص ڪم ڪرڻ جو رستو کولهي ڪيندا. ڪنهن نه ڪنهن خاص نيم ۽ قاعدي پٽاندر ڪم کي چالو ڪندا. جي هرڪو جماعت جو پاڻي پنهنجي مرضيءَ موجب جيڪي وٹيس سو ڪري ته، جيڪر جلدي جماعت جو خاتمو ٿي وڃي، تنهن ڪري جماعت مان هڪڙي ڇٽي کي اڳواڻ ٻڌائڻ جي ريت کولي ڪيدياڻون. خود جانورن ۾ به، اها اگواڻپي جي رسم آهي. جماعت ۾ جيڪو سڀني کان طاقت وارو هوندو هو تنهن کي پنهنجو اگواڻ چونديندا هئا ته، هو کين

هر ڪنهن آفت کان بچائيندو اچي. پر جي ڪنهن مهل جماعت جا ماڻهو اچي پاڻ ۾ وڙهن ته پوه ته جماعت يڪدم چڙوچر ٿي پوندي ۽ سندس زور ٽٽي پوندو. تنهن ڪري اڳواڻ جو اهو فرض هوندو هو ته جماعت جي ماڻهن کي هڪ ٻئي ۾ وڙهڻ کان روڪيندو اچي. پر هڪڙيءَ جماعت کي ٻيءَ ڏاريءَ جماعت سان وڙهڻ روا ناهي. چاڪاڻ ته پاڻ کان وري بي ڏاريءَ جماعت سان وڙهڻ جي ريت البت ڏکيل ٿي چئبي حقيقت سان پهريون جماعتون ته فقط وڏن ڪٽنبن کي ٿي چوندا هئا. سڄيءَ جماعت جي ماڻهن جو هڪ ٻئي سان سنگ يا مائٽي هوندي هئي. ۽ پوه نيٺ ته ڪٽنب ايتري قدر وڌي ويا جو ڪٽنبن سان ڳري وڏيون جماعتون ٺهي پيون. شروعات ۾ ڪٽنبن ٺهڻ کان اڳ اڪيلي سر انسان لاءِ گذر ڪرڻ ڏاڍي نه مصيبت جي گهالهه هوندي! ڪپڙا، سڄو وقت پنهنجي بچاءَ ۽ پالنا لاءِ وڙهڻو ۽ رلڻو هوندو هوس، يا ته شڪار يا ته ڦل ڦول تي ٿي گذران ڪندو هوندو. سڄو وقت پنهنجي بچاءَ جي آوني ۾ ٿي گذاريندو هوندو. خود قدرت بي سندس لاءِ دشمن مثل پيئي لڳندي هوندي! برف جو ڪرڻ يا ڏرتيءَ جو ڏهڻ، تنهن کي بي قدرت جو ڪرپ يا دشمني سمجهندو هوندو. ويچارو انسان! سمجهه بنا رڳو ڊپ ۾ ٿي پيو وياکل ٿيندو هوندو. جي ڪجڻ جو وسڪارو

هوندو ته سمجهو هوندائين ته بادل ڏمريا آهن، سو انهن
کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هوندائين. سمجهيو
هوندائين. ته بادلن کي به سندس وانگي بک جائي
چڪ پيا هوندا جنهن ڪري ڏمريا آهن، سو ڪونه ڪو
جانور ٻل چاڙهي سندس اکيان پيتا رکي ايندو هو ته
من ڏؤ ڪري سانت ۾ اچي. پلا مغز هلائيندوئي ڪونه
هو جو قدرت جا نيم ۽ قائدا سمجهي هيٺئر ڏس اسان
کي اهڙا ڊپ ڪهڙا نه واهيات پيا لڳن! اسان کي
خبر آهي ته مينهن ڪيئن ٿو پوي. مينهن جي وسڻ ۽
بند ٿيڻ سان جانورن ٻل چاڙهڻ جو ڪهڙو لاڳاپو!
پر خبر اٿيئي اڇڪلهه جي سڌريل دنيا ۾ به اڃا ڪٿي
اهڙيون واهيات رسمون چالو آهن؛ اڃان دنيا ۾ اهڙن
اڻ جاڻ ۽ بي سمجهه انسانن کان خالي ڪونه ٿي آهي.

ڏرم جي شروعات

پياري اندرا،

اڳئين خط ۾ مون تو کي ٻڌايو ته شروعات ۾ ماڻهو کيڏن نه سڀ کنهن ڳالهه کان ٻيا ڏڇندا هئا. کاٻ آپدا متان ايندي هئن ته يڪدم سمجهندا هئا ته ديوتائون ڏسريا آهن. وڻ، جبلن، ندين ۽ بادلن، هرهڪ قدرتي نظاري ۾ سمجهندا هئا. ته کنهن نه کنهن ديوتا جو واسو اوس هوندو. هنن تي اهوئي وهم ويڙهه هو ته ديوتائون نه ته کي انهن ۽ مهربان آهن پر بلڪل جوشيلا ۽ چڙاڪ آهن حي سدائين ٻيا ڏسرجن. سو انهن جي ڊپ کان هو سدائين کي نه کي شيون رشوت طور ٻيا ٻيٽائون رکندا هئا ته من راضي ٿين. خاص کري کاڏي جهڙيون شيون رکندا هئا ته کائي ڏئ کن. اوچتو کا آفت آئي، جهڙوڪ ڏرتيءَ جو ڏهڻ يا کا وڇڙندڙ بيماري ته ديوتائون ڏسريا آهن. پوء ڊپ وچان انهن کي راضي کرڻ لاء کجهه ٻ کرڻ کان کونه گسندا هئا. کيترا ڀيرا ته خود پنهنجون زالون ۽ ٻار ٻ ٻل چاڙهيندا هئا ته من ديوتا کائي ڏئ کري ۽ ٻيا ٻيا ماڻهو نه ماري، ڏس هيءَ کهڙي نه خوفناک ناداني

چٽبي! پر انسان ڊپ وچان ڪجھ، بہ ڪرڻ لاءِ تيار نٿي ٿو. مان پاڻيان ٿو ته ڈرم انسان جي ڊپ مان ڄي پيدا ٿيو آھي.

سو ڪاہ، گالھ، جا ڊپ جو نتيجو ھجي، سا ته ضرور نقصانڪار ٿي چٽبي. پر انسان کي خبر آھي ته ڈرم انسان ۾ ڪيترا سڀا سنسڪار ۽ سٺا خيال ہ وجھي ٿو ٿون جڏھن وڏي ٿيندبن۽ تڏھن سوجھ، ہوجھ، پوندءِ ته ڪيئن نہ ڈرم جي نالي تي، چڱيون ٿوڙي خراب گالھيون دنيا ۾ ھلن ٿيون. پر ايتري ته پڪ آھي ته ڈرم جي جنم جو ڪارڻ اھو ڊپ ڄي آھي. خير. ھون۽ ڈرم ڪري ڇڏو بہ چڱو ھجي پر ايتري ته انسان کي ہ خبر آھي ته اڄ ڈينھن تائين ہ اھو ڈرم ڄي آھي جنھن جي نالي تي ھيترا جھيڑا جھٽا ۽ موت ٿين ٿا. ڪيترا ماڻھو ته اڄ ڈينھن تائين بہ فقط ڊپ وچان ڄي ڈرم جي اوت وٺندا آھن. ھو سڀائين خيالي ديون ۽ ديوتائن کي راضي ڪرڻ لاءِ پيا رڳو سندرن ۽ ٽڪائن ۾ پيڻاڻون رکندا ۽ پليون چاڙھيندا آھن.

پورهئي جي ورڇ

پياري اندرا،

اڳئين زماني جا ماڻهو سستن وانگر وقت جو زيان ڪڏهن بہ ڪونہ ڪري سگهندا هوندا. هنن کي تہ پيٽ پالڻ لاءِ سدائين پيا ڪشالا ڪيڏا پوندا هوندا. تن ڏينهن ۾ ائين ڪونہ هو جو ماڻهو پنهنجو قوت گذران خوب ڪئو ڪري ۽ پوءِ ڏينهن جا ڏينهن پيو عيش آرام ۾ گذاري. جڏهن جماعتون ڏهيون هونديون تڏهين کي قدر سولائي ٿي هوندن. چاڪاڻ تہ يڪي سر نٽا ٿي سگهن سي بہ جماعت جي مدد سان ڪري سگهجن ٿا: انهن ڏينهن ۾ پيو قدم جو ماڻهن کنيون سو هو پوڪ ۽ ڪيتي جو ڪم، انهي کان پوءِ ماڻهن کي قوت گذران ڪرڻ ڪجهہ قدر سولو ٿيو هوندو، ماڻهن کي سڄو ڏينهن شڪار جي ڳولا ۾ رلڻ جو ضرور ڪونہ ٿيو هوندو. مردن پنهنجي لاءِ ڪيتيءَ جو ڪم چونڊيو ۽ زالن وري چوپايي مال چارڻ، ڏهڻ ۽ پيو گهر ۽ هارن جو ڪم پاڻ ٿي ڪنيون. اهڙيءَ طرح ڪم جي ورڇ شروع ٿي. اڄ تہ دنيا ۾ ڏسين ٿي تہ ڪٿين قسمن جا ڏنڊا ۽ ڪم نڪري پيا آهن، سيڪو

پنهنجي نموني جو خاص ڪم ٻيو ڪري. ڪو انجنير ته ڪو ڊاڪٽر ڪو وڏو ته ڪو لوهار، ڪو مزدور ته ڪو موچي ته ڪو درزي، سڀڪو ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڏندي ۾ ڏي جاڙو آهي، انهي کي چئبو آهي پورهئي جي ورڇ يا ورهاڱو. جي ڪو ماڻهو هڪ ڏي ڪم کي لڳندو ته سياويڪ اهو وڌيڪ سٺو ڪري سگهندو. جي گهڻن ڪمن ۾ خيال ڏوڙائيندو ته سياويڪ ڪنهن به ڪم ۾ هوشيار ڪونه ٿي سگهندو. انهي ڪري ته اڄ دنيا جا ڪم ڪارون ورهائجي ويا آهن اسان ڏڻو ته پهرين سڌاري ڏانهن قدم جو انسان ذات ڪنيون سو هو جماعتون ٺاهڻ. هاڻي ٻيو اٽيئي هيءُ پورهئي جي ورهاڱ جو طريقو.

پوک ۽ ان جا نتيجا

پياري اندرا،

اڳئين خط ۾ مون توکي ٻڌايو تہ پورهئي جي ورهاڱ ڪيئن شروع ٿي. ڀرين ڀرين ڪم جي ورهاڱ مردن ۽ زالن جي وچ ۾ ٿي هوندي. مرد شڪار جو ڪم تہ زالون گهر ٻار ۽ چوپائي مال جو ڪم ڪرڻ لڳيون هونديون. پر جڏهن پوک ۽ کيتي جو ڏندو شروع ٿيو تڏهن مردن جي وچ ۾ پورهئي جي ورڇ جو طريقو چالو ٿيو. کي شڪار جي ڏنڊي کي لڳا، تہ کي وري پوک ۽ کيتي کي. ٻيا ٻ کيترائي ڏنڊا ڏاريون نڪرڻ لڳا جن ۾ ماڻهو ويا پاڻ کي ماهر ۽ هوشيار ڪندا. کيتي جي ڏنڊي جو ٻيو هڪ سٺو نتيجو هي نڪتو جو ماڻهو ڳوٺ ٻڌي هڪ هنڌ ٽڪاڻو ڪري ويٺا. نہ تہ ماڻهو رولن وانگي ٻيا پيٽ قوت لاء ڀٽڪندا هٿا. پر هڪ هنڌ ٽاڻو ڪري وهڻ جو ضرور ٻ ڪونہ ٿي ٻين. فقط پيٽ قوت لاء شڪار ۽ قل قول ڪپندو هون سو تہ ڪٽان ٻ هٿ ڪري سگهندا هٿا. ٻيو تہ چوپائي مال چارڻ جي خيال کان ٻ گهٽو رلٽو پوندو هون، جتي ساوڪ نظر ايندي هٽن اتي ڪاهي

ويندا هئا پر جڏهين کيتي ڪرڻ شروع ڪيائون تڏهين هڪ ڏي هٿ رهڻ جو ضرور سمجهائون، انهي نموني ويا ڳوٺ ٻڌبا، هاڻي ماڻهن جي جيوت ۾ جان ڄان سگي ۽ سولي گذرڻ لڳي، پر سڀ کان عجيب ڳالهه جا ٿي سا هيءَ ته انسان ذات ۾ هاڻي ميڙڻ ۽ ڪٺي ڪرڻ جي ٻوجهه جاڳي، جيسين رلندا ڦرندا هئا تيسين ته ڪو به آئيندہ جو سمر پنهنجي لاءِ ڪٺو ڪونہ ڪري سگهندا هئا، پنهنجو پيٽ قوت روز بروز ڳولهڻو پوندو هون، پر جڏهين کيتيءَ جو ڪم شروع ٿيو تڏهين ته ڪنهن مان ايترو ان پيدا ٿيڻ لڳو جو هٿن کي آئيندہ لاءِ به بچائي رکڻو ٻيو؛ هو فقط ايترو ان کونہ پوکيندا هوا جو سندن پيٽ قوت لاءِ کافي هجي، هو گهڻي محنت ڪري گهڻو ان پيدا ڪرڻ لڳا، اهڙي طرح انسان ۾ ميڙڻ جو لڇڻ پيدا ٿيو، هينئر ته توکي خبر آهي ته ماڻهو پيسا ٻڌڪن ۾ رکندا آهن پوءِ جڏهن جڏهن گهرج پوين تڏهين ٻڌڪ مان چيڪ متائي وڃي پيسا ڪڍائي اچن، هاڻي خيال ڪر ته هي سڀ ڏن ڪٺو ڪيڏن ٿو ٿئي؟ هي ڪٺو ٿيل ڏن شاهوڪارن جي بچت آهي، يعنيٰ هٿن جي گهرج کان متي آهي، پر ڏس هيءَ بي انصافي، هڪڙا ڏن ميڙڻ ۽ ٻيا بک وگهي مرن! مان توکي سمجهائيندس ته ماڻهو شاهوڪار ڪيڏن ٿا ٿين، نه ته ڪو هو وڏيڪ پورهيو ٿا ڪن. پورهيو ڪندڙ ته پاڻ بک ٻيا مرن، سچ پچ ته گهڻن

هڪڙا ته موجون ماڻين ٻيا ڏس هي ڪهڙو نه بي انصافي ۽ جو خيال آهي ته انهي بي انصافي ۾ اڻ پوري ورهپ جي ڪري ڏسي دنيا ۾ غريبي وڏي آهي ، هينئر اها ڳالهه سمجهڻ تنهنجي لاءِ البت ڏکي آهي، پر فڪر نه آهي، ٿوري گهڻي ڏينهن تون پاڻيهي چڱيءَ طرح محسوس ڪري سگهندينءَ، هينئر فقط تون اها ڳالهه ڏيان ۾ رکج ته گهرج کان وڌيڪ ان جي پيدائش ٿيڻ ڪري ئي ڪئي ڪرڻ جي ريت چالو ٿي ، انهن ڏينهن ۾ ڪي بئنڪون ڪو نه هيون جو پيسو ڪٽو ڪري سگهجي شاهوڪار اهو ليکجڻ ۾ ايندو هو جنهن وٽ ان جون گندیون ۽ چوپايو مال جام هوندو هو.

مکيءَ جو زور وٺڻ

پياري اندرا،

اميد ته توکي منهنجا خط اڻ وٽندڙ ڪونہ لڳندا هوندا. توکي ياد هوندو ته اڳئين خط ۾ مون توکي سمجهايو ته اڳين ڏينهن ۾ هرڪا شيءَ سڄي جماعت جي ملڪيت ليکجڻ ۾ ايندي هئي ۽ ڪنهن به خاص انسان جو ان تي ڪو خاص حق ڪونہ هوندو هو. خود جماعت جو وڏيرو به پنهنجو خاص حق ڪونہ جمائي سگهندو هو. هو به جماعت جي ٻين ماڻهن وانگي فقط حصيدار هوندو هو. ۽ جاکاڻ ته هو جماعت جو مکي هو تنهن ڪري سياويڪ مالي سرشتي جو انتظام سندس هٿ هيٺ رهندو. آهستي آهستي جيئن اهو طاقت وارو ٿيندو ويو تيئن سڄي جي ملڪيت جا سندس هٿ هيٺ رهندي هئي تنهن جو پاڻ کي مالڪ سمجهڻ لڳو. ڪيس اهو وسرڻ لڳو ته ملڪيت عام جي آهي ۽ ڪيس فقط سنياڻ لاءِ ملي آهي. ڪيس جو مهنداريءَ جو عهدو ملیو سو سمجهڻ لڳو ته مان ڏي آهيان. ملڪيت تي حق ڏي منهنجو ٿيڻ ڪپي. هو خود مطلبي ٿي ٻيو ۽ منجهس ٻيائيءَ جو انگ پيدا ٿيڻ لڳو. هاڻي

تہ ڏس تہ دنيا ۾ ڪيڏن نہ فقط "منهنجي" "منهنجي" لڳي پيئي آهي. شروعات ۾ سڀ کا ڳالهہ عام جي پلي لاه شروع ٿي پر پوءِ سڀ ڪنهن کي پنهنجي اچي لڳي آهي. جماعت جو اڳواڻ جڏهن مرندو هو تڏهين سڄي جماعت پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري ٻيو اڳواڻ ان جاءِ تي ٽائيندي هئي. پر گهڻو ڪري اڳئين اڳواڻ جي آڪهہ مان ٿي ڪنهن نہ ڪنهن کي چونڊيندا هئا، چاڪاڻ جو سمجهندا هئا تہ هو اڳئين اڳواڻ جو ويجهو مائٽ هڻ ڪري انتظام جي ڪم مان چڱي پر واقف ۽ آزمودگار هوندو. اهڙي ريت ساڳيءَ آڪهہ مان چونڊڻ جو رواج ٻيو ۽ ورڻي جو حق جاري ٿيو. سياويڪ مهندار پنهنجي ٿي پٽ يا پاءُ کي سڀ ڳالهيون سيکاريندو هو تہ سندس موت کان پوءِ اهوئي وارث ٿئي. نيٺ تہ اهو رواج ٿي ويو تہ مرڻ مهل اڳواڻ جنهن کي چونڊيندو هو تنهن کي ٿي سندس عهدو ملندو هو. شروعات ۾ جماعت جي عام ماڻهن کي اهو آپيشاهيءَ جو سرشتو نہ ٻ پسند آيو هجي، پر لاچار سڀ هري ويا ۽ پاڻکي اڳواڻ جا ٿي غلام سمجهڻ لڳا. ملکيت جا شروعات ۾ عام جي ليکڻ ۾ ايندي هئي سا هينئر فقط خاص آڪهہ جي هٿ هيٺ اچي ويئي، ۽ دنيا ۾ ٻيائيءَ جو انگ زور ٻوڙ لڳو. نتيجو اهو نڪتو جو دنيا ۾ کي غريب تہ کي شاهوڪار ٿي پيا. ملکيت عام جي هٿ مان نڪري وڃي ڪن خاص ماڻهن جي

هٿ ۾ قابو ٿي جنهن جي زور تي شاهوڪار غريبن
کي دٻائڻ ۽ هيسائڻ لڳا. اڄي جماعت جا سڀ ماڻهو
جماعت جي ٿي پلي لاءِ ڪم ڪندا هٿا ۽ حصو بہ
سڀني کي هڪ جيترو ملندو هو، پر اڳواڻ جي زور
پوڻ سان سڄو قصو ڀانوان ڏول ٿي پيو دنيا ۾ غريبي
۽ بي انصافي وڌڻ لڳي.

مکي کيئن ٿيو

پياري اندرا،

مان سمجهان ٿو تہ هينئر منهنجا خط وچن تا البت ڏکيا ۽ منجهيل ٿيندا. پر چا ڪجي خود حياتي ئي ڏينهون پوه ڏکي ۽ منجهي ٿيندي ٿي وڃي. اڳين ڏينهن ۾ تہ حياتي سادي سودي هوندي هئي، پر هاڻي اسين انهن وقتن تي آيا آهيون جڏهن حياتيءَ ڏکيو ۽ منجهيل ڪيرو کاڌو آهي. اسين جيڪڏهن ڏيان ڏيئي جاچي ڏسنداسين تہ حياتيءَ کيئن ڪيرو کاڌو آهي تہ اسانکي اڄوڪيءَ دنيا ۾ جو پيو وهي واپري تنهن جي بہ اسانکي پوريءَ ريت پروڙ کين پوندي. اسين بہ بي سمجهه هارن وانگي اونداهي ٻيلي ۾ پاڻ وڃائي وهنداسين. اهو ئي سبب آهي جو مان توکي ٻڌ تي موڪلائي اصل ٻيلي جي منهن ڏانهن پيو وڃي وڃان انهي لاءِ تہ تون پاڻيهي ان منجهان پنهنجي لنگهڻ جو رستو گولڻ سکين. ياد اٿيئي تہ هڪ ڀيرو مسوريءَ ۾ تو مون کان راجائن بابت ڪي سوال پڇيا هوا، تہ راجائون ڇو ٿيا ۽ کيئن ٿيا؟ هاڻي مان توکي اشاري طور ٿورو ٻڌائيندس تہ شروعات ۾ راجائن ٿيڻ جي ريت کيئن پيئي. پر تن

ڏينهن ۾ راجائن کي "راجا" کونہ سڏبو هو. انهنکي مکي يا وڏيرو کري چئبو هو. مون توکي اڳ ئي ٻڌايو آهي تہ جماعتون ڪيئن ٺهيون. جڏهن ڪيتي ۽ پوک جو ڏنڊو چالو ٿيو ۽ ڪم جي ورهاڱ شروع ٿي تڏهن هرهڪ ڳوٺ کي هڪ اهڙي ماڻهوء کي مقرر ڪرڻ جو ضرور پيو جو سڄي ڳوٺ جي جوابداري ٻ ڪئي ۽ ڪيس وقت ٻ وقت ڏارين جي ڪاهہ يا ڪنهن ٻ آفت کان بچائي. جيڪو سڀني کان وڌيڪ بزرگ ۽ آزمودگار هوندو هو تنهن کي پنهنجو مکي ۽ مهندار ٺهرائيندا هئا. پر تن ڏينهين اهو مکي ٻ جماعت جي ٻين پاتين وانگي پورهيو ڪندو هو ۽ پنهنجي ڪمائيء جو حصو ٻ فقط ٻين جيتروئي ڪندو هو. جيڪا ڪئي ڪمائي ٿيندي هئي سا سڄي جماعت جي ملڪيت ليکجڻ ۾ ايندي هئي. اڄ ڪلهہ وانگي ڪين هو جو سڀ ڪنهن کي رکو پنهنجي لڳي پيئي آهي. ڪوبہ هڪ چڙو جماعت ۾ ڪئي وڌيڪ ڪمائيندو هو تہ ٻ سڀني سان ونڊي ورهائي ڪائڻ لاء ٻڌل هوندو هو. وڏيري جو ڪم هوندو تہ ڪنهن ٻ ٻ-اکياڻيء يا پاسخاطريء کان سواء مال جي ورهاڱ کري. پر آهستي آهستي وقت ڦيرو کاڌو. ڏوان ڪم وڏي ويا جنهن کري مکي سڄو وقت ڪم جو بندوبست رکڻ ۾ ئي رڌل رهندو هو ۽ ڪيس ٻين جيان پورهئي ڪرڻ جو وقت ئي کونہ ملندو هو. انهي کري هو "عام"

مان ڦري "خاص" ٿي ٻيو. هاڻي ڏس ته ڪيئن نه هرڪا جماعت ۾ پاڻ ۾ ورهائجي ويئي. هڪڙا ٽيا مڪي جن جو ڪم هو متين نظرداري، حڪماني ۽ بندوبست ڪرڻ ۽ ٻيا ٽيا زيردست جن جو فرض هو پورهيو ڪرڻ ۽ مڪيءَ جو ڇيو ميڙڻ. خاص ڪري جنگ جي وقت ۾ ته مڪي تمام زبردست ۽ طاقت وارو ٿي پوندو هو. ڇاڪاڻ ته ان جي اڳواڻيءَ کان سواءِ عام ماڻهن جو لشڪر وڙهي ڪونه سگهندو هو. پر پوءِ آهستي آهستي جڏهن انتظامي ڪم تمام گهٽو وڌي ويو تڏهن مڪيءَ پنهنجي مدد لاءِ ٻيا ٻائيوار ۾ چونڊي رکڻ شروع ڪيا سو هاڻي هرڪا جماعت ۾ پاڻ ۾ ورهائجي ويئي. هڪڙا ٽيا ڪم ڪندڙ، ٻيا ٽيا ڪم ڪرائيندڙ. انهي ريت انسان ذات مان هڪ جهڙائي نڪري ويئي. هڪڙا ۾ ين کان طاقت وارا ٿي ويا. هاڻي هي خط ۾ مان توڪي ٻڌائيندس ته مڪيءَ ڪيئن طاقت هٿ ڪئي.

مکيءَ جو راجا ٿيڻ

پياري اندرا،

مان پاڻيان ٿو ڏسان هن مکيءَ (Patriarach) اسانجو گهڻو وقت ورتو آهي. هاڻي جلدي سندس پورائي ڪندسين. مون توسان انجام ڪيو هو ته توکي ٻڌائيندس ته راجائون ڇو ٿيا؟ ڪيئن ٿيا. سو توکي اها راجائيءَ جي ابتداءَ سمجهائڻ لاءِ سون کي شروعات کان وڌي يعني (Patriarach) سان ڏي شروع ڪرڻو پيو. ڏون اهو پاڻيهي سمجهي ويڻي هوندينءَ ته اهو مکي يعني (Patriarach) ڏي هو جو نيٺ راجا ٿيو. (Patriarach) اکر لئٽن ٻوليءَ جي (Pater) اکر مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي 'پيءُ'. (Patria) معنيٰ پتا پوڻي يعني پنهنجي ابن ڏاڏن جو ملڪ، اسين هندستاني پنهنجي ملڪ کي ماتر پوڻي سڏيندا آهيون. توکي کهڙو ٿو وڻي؟

مکيءَ جي گادي، جڏهن پيءُ کان پٽ وٺ ورڻي طور ملڪيت ڏي چڪي، ڏڏهن سياويڪ مکيءَ کي به راجائي طاقت ملي چڪي. اها طاقت اڃ سان چارلس پهرين کي ساري رعيت جو راج ڪڙو ڪيو ويو. فرانس جي ماڻهن ۾ به وڏو فساد اٿيو؟ نيٺ انهن به

راجائي جو طريقو ڏاهي رعيت جو راج ڪڙو ڪيو. پئرس ۾ مان توڪي (Conciergeie) جيل ۾ وڏي هليو هوس، جتي بادشاه جي ڪتب جا ماڻهو بند هئا. تون اهو ٻڌندينءَ ته ڪيئن رشيا ۾ انقلاب آيو ۽ ڪيئن انيجي ماڻهن پاڻ کي زار جي ظلم کان آزاد ڪيو. خير هاڻي ته اهو زمانو آيو آهي جنهن ۾ ڏسجي ٿيو ته بادشاهن جي راج جا ڏينهن پورا ٿيا آهن ۽ رعيت جو وارو آيو آهي روس فرانس، جرمني، آمريڪا سئيزرلئنڊ، چين ۽ ٻين ڪيترن ڏي ملڪن ۾ رعيت جو راج آهي. اني بادشاهه آهي ڏي ڪونه. وقت بوقت عام ماڻهو پنهنجو اڳواڻ پاڻ چونڊيندا آهن. انهن اڳواڻن کي اهو حق ڪونه ڏنو ويو آهي ته مٿي پڇاڻن، پنهنجي مرضي پٽاندڙ پنهنجي آکيءَ مان ڪنهن کي به وارث چونڊين. اهو حق ماڻهن پنهن جي هٿ ۾ رکيو آهي. پر خبر اٿيئي ته انگلنڊ ۾ اڄان به بادشاهت آهي. پر فقط نالي طور آهي، بادشاهه کي ڪابه طاقت ڪانهي. طاقت سڄي پارليمينٽ جي هٿ ۾ آهي، جنهن جا ميمبر وري عام ماڻهو چونڊين. توکي ياد هوندو ته لنڊن ۾ مون توکي پارليمينٽ ڏيکاري هئي. پر اسان جي هندستان ۾ اڄا تائين به راجائون ۽ مهاراجائون ۽ نواب آهن. تون ڏسندينءَ ته هو ڪيترا نه پئسا پيا پاڻ تي خرچين ۽ ڪيڏي نه ٺاٽ سان محلاتن ۾ ٽا رهن ۽ موٽرن ۾ ٽا گهمن. خبر اٿيئي ته هو ايترا پئسا ڪٿان

ٿا آڻين؟ ھو اھي سڀ پيسا ماڻھن تي ڏيون وجھي، انھن کان اڳاڙين ٿا. سڀ پڇ ماڻھن تي ڏيون وجھيون ٿي ايتري لاءِ آھن، تہ جيئن پيسا گڏ ڪري ماڻھن جي ڀلي لاءِ خرچ ڪجن. اسڪول، اسپتالون، ميوزم، لئبريريون، رستا ۽ باغ وغيرہ ٺھرائڻ جن. پر اسان جا راجائون تہ اڻين ٿا سمجھن جو ڪين خدائي حق آھي تہ عوام جا پيسا جيئن وڻين تيئن لٽين. رعيت ڀلي ٻيئي بک ۾ پاءِ ٿئي، غريبن جي ھارن کي ڀلي تہ علم نہ ملي، جيڪي وھن ۽ پورھيو ڪن ۽ جن جي محنت ۽ پورھئي ڪري ملڪ جي ملڪيت وڌي ۽ ملڪ آباد ٿئي، سي ڀلي تہ بکن ۽ ڏکن ۽ ٻيا ڦٽڪن پر ھي راجائون محلاتن ۾ ٻيا عيش عشرتون ماڻين.

پراچين سيڀيتا

پياري ندارا،

مان پايانتو اسان مڪين بابت گهڻوئي سمجهيو آهي. هاڻي مان توکي، پراچين سمي جي سڀيتا بابت ڪجهه ٻڌائيندس. جيتوڻيڪ انهن ڏينهن جي ماڻهن جي بہ اسان کي ڪا گهڻي خبر ڪانهي، پر تہ بہ (Palateolihic & Neolithic) ڇهوني ۽ نئين پٿري جڳ جي ماڻهن کان ڪي قدر وڌيڪ سڃاڻون. ڇاڪاڻ تہ اڄ ڏينهن ڏائين بہ انهن ماڻهن جي ڏينهن جا مڪان ۽ مندر زبون حالت ۾ ڏسي سگهبا. انهن جي ڪاريگري ۽ اڏاوت جي ڏول مان ڪي قدر معلوم ٿي سگهيتو تہ هو ڪيتري قدر سڌريل هٿا. خاص ڪري انهن جي بتن، مورتن ۽ نقش‌نگاري جي هنر مان تہ سندن گهڻيئي ڳالهيون پڌريون ٿي سگهن ٿيون.

اسين اهو پڪي‌ءَ طرح سان چئي ڪونہ سگهنداسين تہ شروعات ۾ ماڻهن، ٻيڪون، ڪٽي ڪٽي ڪيون. ڪي چون ٿا تہ ڪن ڏينهن اڄ جتي انٽلانٽڪ سمنڊ آهي، اتي انٽلانٽس جو وڏو شهر هو، جتي تمام سڌريل ماڻهو رهندا هٿا، پر پوءِ انهي شهر کي سمنڊ کائي ويو. هينئر تہ سندس نشان بہ ڪونهي. خير، اهي ڳالهيون

سڀ آڪاڻيءَ طور آهن، ڪابہ پڪي ثابتي ڪانهي.

ڪي وري چون ٿا تہ ڪن ڏينهين جهوني آمريڪا ڏاڍي سڌريل حالت ۾ هئي. توڪي خبر آهي تہ آمريڪا ڪولمبس ڳولهي ڪڍي هئي. تنهن جي معنيٰ اها ڪانهي تہ ڪو ڪولمبس کان اڳ آمريڪا هئي ڪونہ پر فقط سندس پتو ڪونہ هو. ڪولمبس جي وڃڻ کان اڳ بہ اڻي جا ماڻهو سڌريل هئا. اڙ آمريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي شهرن، يڪتائ ۽ پيروءَ جي پڳلن محلاتن جي نشانين سان اها ثابتي ملي ٿي. يوريشيا يعني يورپ ۽ ايشيا ۾ وري چون ٿا تہ ميسو پوٽيميا، ايجپٽ، هندوستان ۽ چٽنا تمام سڌريل حالت ۾ هوا.

رلنڊ قومن جڏهين هڪ هنڌ بيٺڪ ڪرڻ جو خيال ڪيو هوندو، تڏهين توڻ سمجهي ٿي تہ ڪهڙي زمين پنهنجي لاءِ چونڊي هوندائون، اها زمين جنهن سان هنن ڪي ڪاڏو ملي سگهيو هوندو، يعنيٰ جتي پوک سولائيءَ سان ٿي سگهي هوندي. هاڻي پوک اتي ٿي سگهي هوندي، جتي پاڻي جام هوندو. توڪي خبر آهي تہ جي ڪنهن سال برسات گهٽ پوندي آهي تہ فصل سڪي ويندو آهي ۽ ملڪ ۾ ڏکر اچي پوندو آهي. تنهن ڪري انهن پنهنجي بيٺڪ اتي ڪئي هوندي جتي کين، پاڻي ملي سگهيو هوندو، يعنيٰ ندين جي ڪنارن تي. ميسوپوٽيميا ۾ ماڻهن ٻن وڏين ندين ٽائگريس ۽ يوفريٽس جي وچ ۾ بيٺڪون

ڪيون ، ايجپٽ ۽ نائيل نديءَ وٽ ۽ هندستان ۾ سنڌو، گنگا ۽ جمنا وغيره ندين جي ڪنارن تي. پاڻي جيانپي لاءِ اهڙو ڪمائتو ۽ ضروري سمجهاڻون جو ان کي پيءُ ماءُ سمان پوڄڻ لڳا. اسين جيئرن ٿي پاڻيءَ جي آڏار تي ٿا، تنهن ڪري سڄ پڄ ته ماءُ پيءُ کان به وڌيڪ رتبي وارو پاڻي ٿي چئبو. ايجپٽ ۾ ته نائيل نديءَ کي "پتا نائيل" ڪري سڏيندا آهن. هندستان ۾ ته توکي خبر آهي ته گنگا جمنا کي "ماتا" ڪري ڪوٺبو آهي. تو ڏٺو هوندو نه ڪيئن انهن ندين جي پوڄا ڪهڙي خيال کان شروع ٿي، سو ته سمجهڻ سولو آهي. ندين پوڄا لائق انهي ڪري آهن، ڇاڪاڻ ته اهي قوت ٿيون پهچائين، جنهن بنان انسان جيڪر جيئي ڪونه سگهي ندين نه رڳو پاڻي ٿيون ڏين، پر انهن جي واري ۽ مٽي به ٻنين ۽ پوکڻ لاءِ ڪارائتي آهي. انهيءَ مٽيءَ ۽ واريءَ جي ڪري ٻنيون پليون ۽ سايون ٿيندڙيون آهن. تنهن ڪري ندين اسان لاءِ بيشڪ "ماتا، پتا" سمان ٿي چئبيون. انهن جو قدر ۽ شڪرگذاري بيشڪ مڃڻ کپي- پر اسانجي ماڻهن کي همیشه کنهن به گهاڻهه جو ڪاڻ يا سبب جلدي وسري ويندو آهي. پوءِ بنا سمجهه جي، رڳو پيا هڪ ٻئي جو نقل ڪن! ڪهڙي سبب کان ندين جو ملهه ۽ قدر ٿيڻ کپي سو وساري ڇڏيندا. پوءِ بنا سمجهه انڌو ايمان رکي، رڳو پيا پاڻيءَ کي هٿ جوڙيندا ۽ پوڄيندا.

ايجپٽ ۽ ڪريٽ

پياري اندرا،

تو فونن ۾ ايجپٽ جا پرئمبس ۽ اسفنڪس (Sphinx & Pyramids) ڏٺا آهن. اسفنڪس هڪ وڏو شاهي پٿر جو بٽ آهي جنهن جو منهن زال جو ۽ ڏڙ شينهن جو آهي. زال جي مڪ تي اهڙي ته عجيب مشڪ آهي، جو ڪوبه سمجهي نه ٿو سگهي، ته هن وچتر مشڪ جو راز ڇا آهي. انهي ڪري جنهن شيءَ کي نه سمجهي سگهبو آهي تنهن کي اسفنڪس ڪري سڏبو آهي. اڄ ڏينهن تائين به انهيءَ بٽ جي عجيب رچنا هڪ پرولي‌ءَ مثل آهي. پرئمبس وري ايجپٽ جي بادشاهن، جن کي (pharoahs) فرعون ڪري سڏبو هو، تن جون قبرون آهن. توکي ياد هوندو ته مون توکي لنڊن (Egyption Mnmmie) ايجپٽ جون موميائون ڏيکاريون هيون. واسيل ۽ سڪايل لاش تنهن کي (Mummy) موميا سڏبو آهي. فرعون جڏهين مري ويا تڏهين هنن جي بدن کي به تيل ۽ مصالو لڳائي اندر پرئمبس ۾ رکيائون، انهن جي پرسان وري سون، روپ ۽ ٻيو سامان سرو به رکيائون ته متان مئي کان پوءِ به کنهن شيءَ جي،

گھرج پوين، ۽ ٽي سال ٿيا تہ ھڪ فرعون جنھن جو نالو (Tutankbamen) 'توتنکامين' ھو، تنھن جو مٿل بت ھڪ پـرٹمبد مان لـڏو ويـو، انھي جي بـہ پرسان گھٹيئي مال متاع رکيل ھٹا.

ايجپٹ ۾ تن ڈينھين بـہ واھ ۽ ڏينڈون ھيون جن مان پوک ۽ ٻنين کي پاڻي پھچائيندا ھٹا. اھو ڈيکاري ٿو تہ ايجپٹ جا ماڻھو تن ڈينھين بہ سڌريل ھٹا، ضرور منجھن کي ھوشيار انجنير بـہ ھوندا جن واھ کوڻايا ھوندا ۽ پرٹمبس ٹھرايا ھوندا، ميڊيٹيرين سمنڊ ۾ ھڪ ڪٹنديا يا کريٹ نالي ٻيٹ آھي. اسين جڈھين وينس ٽي وياسين تڈھين وات تي ڈٹو ھوسين، اھو نديڑو ٻيٹ تن ڈينھين بـہ وڈيءَ اوج کي رسيل ھـو منجھس وڏا شاھي محلات ھٹا، جن جا نشان اڄان تائين قائـم آھن انھن محلاتن ۾ نل ۽ سنان جون جاڀون بـہ ھيون ٻيو تہ عاج، پٿر، ڏکر وغيرہ تي چتسالي جو ڪم تمام سٹو ٹيل ھو ميڀاس بادشاھ جي آ کاڻي پڑھي ھوندہ سو بہ روايت آھي تہ انھي ٻيٹ جـو ھڪ بادشاھ ھوندو ھو، جنھن سون لاءِ ھيچ ڪٹي ھٹي پـوھ جڈھين سڀ شيون سون ڏي سون ٽي ٻيس، تڈھين منجھائنس ڈاڍو اچي بيزار ٹيو. تو ھي بہ ھڪڑي ڈند ڪٹا Mino tuar منوٹار دئت جي انھي ٻيٹ جي باري ۾ پڑھي ھوندي. منوٹار ھڪ خوفناڪ دئت ايڪيو ويندو ھو، جنھنجو سروپ اڌ ماڻھو ۽ اڌ ڏڳي جو ھوندو ھـو. ھن کي ماڻھو ڀپ

وچون رگو ٻيا ڪاڏو ڏيندا هئا. سون توڪي اڳي ٻه سمجهايو آهي ته ڏرم جو بنياد فقط ڏيپ آهي. قدرت جا نيم نه سمجهڻ ڪري ماڻهو ڏيپ وچان گهٽيءِ اهڙيون واهيات ڳالهيون ٻيا ڪندا هئا. ٻل چاڙهڻ جي ريت ٻه ڏيپ کان ٿيءِ. ٻوائتا خيالي سروپ ڏاهي تن کي ويهي پوچيندا هئا. ڪا ٻه آفت ايندي هئن ته اڻ چاڻائيءَ کان ڏڃي ويندا هئا. ديوتائن کي خوفناڪ سروپ ڏيڻ سو ٻه ڏيپ جوئي نتيجو آهي. ٻيو ته چڏ پر خبر اٿيءِ ته ايڇپٽ ۾ ماڻهو نائيل نديءَ ۾ ٻار ٻه اڇلائيندا هئا ته 'پتا ندي' راضي ٿئي. شڪر جو هينئر اهڙيون واهيات ڳالهيون ڪونهن. پر تڏهين ٻه اڃا ڪٿي ڪٿي جهنگلي ۽ اڻ چاڻ قومن ۾ اهڙي قسم جا ڏيپ گهٽيءِ آهن. توڪي خبر آهي ته هندستان ۾ اڃا ٻه ڪن ڪن پاڳن ۾ ٻل چاڙهڻ جو رواج چالو آهي. ڏس هيءَ ڪهڙو نه واهيات ڏرم چٽيو! ايشور ٻه ڪڏهين اهڙين ڳالهين تي راضي ٿيو آهي! اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ ته پاڻ ايشور جي ٻي عزتي ڪرڻي آهي.

هندستان ۽ چئنا

پياري اندرا،

اسان ڏاڍو تہ قديم زماني ۾ پورپين ملڪ جي سڌريل حالت کي زميل هئا سي ميسو پوٽيميا، ايجپٽ، چئنا ۽ هندستان. چئنا ۾ به ماڻهن فقط انهن هنڌن تي بيٺڪون ڪيون جتي چشما ۽ نديون هيون. انهن ماڻهن کي منگولين ڪري سڏيندا هئا. اهي ماڻهو لوهہ ۽ پتل مان تمام سٺيون شيون ٺاهيندا هئا. واهہ کوڙ ۽ سهڻين عمارتن اڏڻ ۾ چئنا جا ماڻهو اڪابر ٿي ڏٺا. هنن هڪ ٽئين قسم جا اکر ڳولهي ڪڍيا جي هندستاني يا انگريزي اکرن کان بلڪل نرالي نموني جا هئا. اهي مورتن مثل هئا. هرهڪ جملو يا اکر ڪنهن نہ ڪنهن نندڙيہ مورت مثل هو. تو ميوزم ۾ اهڙي قسم جي هولي ڏٺي آهي. اها هولي چئنا ۾ اڃا به ڪٿي ڪٿي چالو آهي. اها هولي ساڃي يا ڏاڍي پاسي کان ڪوڙ شروع ٿئي، پر متان هيٺ، يعني هڪ ٻئي هيٺان لکڻ ۾ اچي. انهن اکرن کي (Hieroglyphic) يعني مورتي اکر چوندا آهن. هندستان ۾ اڃا به ڪٿي ڪٿي قديم زماني جون عمارتون ڏرتيہ هيٺ ديميليون لپنديون آهن. اتر هندستان

۽ به اهڙيون عمارتون کوڏي ڏيڻون اٽن. اسان کي خبر آهي ته هندستان آرين جي اچڻ کان اڳ يعني دراوڙين (دراوڙي) قوم جي ڏينهن ۾ به تمام سڌريل حالت ۾ هو. هندستان انهن دينهن ۾ ايجپٽ ۽ ميسو پوٽيميا ۾ پنهنجو ان ۽ ڪاٽ موڪليندو هو. ايجپٽ جون سهڻي ۽ سهڻيون عمارتون چون ٿا ته هندستان جي ڪاٽ مان ٺهيليون هيون. سون، روپ، جواهرات، مور ۽ باندر به چون ٿا، ته هندستان مان باهر واپار لاءِ موڪليا ويندا هئا. تو کي خبر آهي ته واپار فقط سڌريل ملڪن جي وچ ۾ ئي هلي سگهندو آهي.

هندستان ۽ چئنا تن ڏينهن، نندين نندين رياستن ۾ ورهايل هئا. منجهن کوبه ملڪ بادشاهه جي هٿ هيٺ ڪونه هو. هرڪو ملڪ پنهنجي ڳوٺن ۽ ٻنين سميت پنهنجي نندي۽ سرڪار جي هٿ هيٺ هوندو هو، جنهن کي رعيتي راج ڪري چئبو آهي. يعني ماڻهو پنهنجي مدبرن جي هڪ پنچات چونڊيندا هئا، جا مڻين راج ڪندي هئي. جيتوڻيڪ اهي رياستون سڀ پنهنجي سر هڪ ٻئي کان خود مختيار هيون ته به اوکي۽ وقت هڪ ٻئي کي مدد موڪليندیون هيون. پر چئنا ۾ آهستي آهستي انهن رياستن مان هڪ يڪي بادشاهت ٺهي ويئي. چئنا ۾ جا هڪ وڏي شاهي لنبي پٽ آهي، جنهن کي (Great wol) ڪري سڏيندا آهن. سا به انهن ڏينهن جي ٺهيل آهي. اها سمنڊ جي ڪناري کان وڏي مڻي جبل جي چوٽي۽ تائين ٿي وڃي. اها بچاءَ جي پٽ

چٽنا کي ڏارين جي ڪاهن کان بچائڻ لاءِ اڏي ويئي هئي. سنڌس ديگهه ۱۴۰۰ ميل، اوچائي ۳۰ فوٽ ۽ ويڪر ۲۵ فوٽ آهي. وچ وچ ۾ قلعا ۽ منارا آهن. هندستان ۾ جيڪر اهڙي پٽ ناهجي تہ جيڪر ڏکن ۾ مدراس کان وٺي اتر ۾ لاهور تائين ٿئي. چٽنا جي اها پٽ اڃا تائين قائم آهي.

درياهي مسافريون ۽ واپار

پياري اندرا ؛

پراچين زماني ۾ هڪ ٻي ٻ قوم هئي جنهن کي (Phoenicians) فنيشنس جي قوم ڪري چوندا هئا. انهي قوم کي اسين هينئر عربي ۽ يهودي ڪري سڏيندا آهيون. اها قوم ايشيا مائنر جي الهندي ڪناري تي رهندي هئي جنهن کي هينئر ترڪي سڏجي ٿو. اهي ماڻهو واپاري مسافرين لاءِ مشهور هوندا هئا. هو ميڊيٽرين سمنڊ تي انگلنڈ تائين مسافريون ڪندا هئا. شايد هندستان ۾ ٻ آيا هجن. هينئر اسين انهي زماني تائين آيا آهيون، جنهن ۾ مسافريون ۽ واپار شروع ٿيڻ لڳو آهي. تن ڏينهين ڪي هاڻوڪي نموني جهڙا جهاز ڪونہ هئا. وڻ جي ڪائين مان ننڍڙيون ٻيڙيون ٺاهيندا هئا جن ۾ طوفان جي جهوٽن کان بچڻ لاءِ ڪابہ سلامتي ڪانہ هئي. تن ڏينهين درياهي مسافريون ڪيڏيون نہ پوائتيون ۽ جوکائتيون هونديون! خيال ٿ ڪر ٿ ميڙڻين ٻيڙين ۾ هيڏا سمنڊ پار لنگهڻ، ڪهڙي نہ عجب جهڙي ڳالهہ چٽبي! سپ-وقت منجهس ٻڏڻ جو خوف هوندو. ٿوري ڏي هوا تي ٻيٽي ٻيڙي ڳوجهولندي هوندي. مهينا

مهينا تہ زمين جو نشان بہ ڏسڻ ۾ ڪين ايندو هوندن ،
ڪاڏو ڪنڊو هوندن تہ فقط سمنڊ جي مڇين ٿي ٻارڏو ڪرڏو
پوندو هوندن . اهڙين ٻيڙين ۾ هيڏيون مسافريون ڪرڻ
بيشڪ سورمن جوئي ڪم آهي . شايد انهي ڪري ئي
تن ڏينهين سمنڊ جي مسافري هڪ جوکي جو ڪم
ڪري ليکيو ويندو هو . تو بہ اهڙي قسم جي مسافرين
بابت گهڻيئي آ ڪاڻيون پڙهيون هونديون . شاباس انهن
ماڻهن کي هيڏي جو هيترن جوکن ۽ ڪشالن هوندي
بہ ٻيا مسافريون ڪندا هٿا . ڪن ڪن ماڻهن جي سياڻ
۾ جوکائتن ڪمن لاءِ شوق ٿيندو آهي . ڪي تہ وري
فقط پيسي جي لالچ ڪان ڪندا هوندا . چاکاڻ تہ پيسي
وڏائڻ لاءِ واپارئي سڀي ۾ سڀو رستو آهي .

هاڻي تون چوندينءَ تہ واپار ڇا کي ٿو چئجي ۽
ڇو شروع ٿيو؟ اڄ تہ تون وڏا وڏا دڪان ڏسين ٿي
جتان سڀ ڪجهہ سولائيءَ سان ملي سگهي ٿو . پر
خريداريءَ وقت ڪڏهين اهو خيال ڪيو اٿئي تہ هيترا
سڀ مال اچن ڪتان ٿا؟ تون الله آباد جي دوڪان
تان آوني شال خريد ڪئي . پر خبر اٿئي تہ اها ڪتان
آئي ۽ ڪيئن ٺهي؟ اها ڪشمير جي ٻهيل اٿئي . ريڍون
جي ڪشمير جي جبلن تي هونديون آهن تن جي وارن
کي آن چٽبو آهي . اهي شالون انهيءَ آن مان ٺهنديون
آهن . تون جو ڏندن لاءِ برش ڪتب ٿي آڻين سو خبر
اٿئي تہ ڪتان ٿو اچي؟ اهو جهازن ۾ چڙهي پريان پريان

اولھ جي ملڪن مان ٿو اچي. اھڙيءَ طرح اسان جي ملڪ ۾ ٻيون ٻ گھٽيئي شيون ڏاريون ملڪن جھڙوڪ انگلنڊ، جپان ۽ امريڪا کان ٿيون اچن. ھاڻي ۽ان ٿوکي ٻردیسي ڪپڑي بابت ٿو ٻڌايان. خبر .اٿئي تہ اھو ٻردیسي ڪپڑو ڏھندو اسان جي ديسي ڪپھ مان اٿئي. ڪپھ جا اسان جي ھندستان ۾ ايري سا جھازن ۾ چڙھي وڃي انگلنڊ ۾ اتي جا ڪارخانا اھا خريد ڪري ان کي صفا ڪن. منجھانئس ڏاڳو ڪاھين، جنھن مان وري ڪپڑو اٽجي موٽي اچي ھندستان ۾ وڪامي. ڏس تہ سھين تہ ويچاري ھندستان جي ڪپھ کي ڪپڑي جي صورت ۾ اچڻ لاءِ ڪيڏيون نہ مسافريون جھاڳٽيون ٿيون پون! ڏس اھا ڪھڑي نہ واھيات گھالھ پيئي لڳي! ڪپھ ھندستان جي ۽ ڪپڑو ڏھي انگلنڊ ۾!! جيڪڏھن ھندستان جي ڪپھ مان ھندستان ۾ ئي ڪپڑو ڏھي تہ ڪيڏو نہ جيڪر ملڪ کي فائدو رسي! نہ جيڪر وقت ۽ پيسي جو ئي زيان ٿئي، نہ جيڪر ملڪ جي ھنر کي ئي ڏک لڳي. توکي خبر آھي تہ اسين ولايتي ڪپڑو ڪونہ خريد ڪندا آھيون. اسين فقط چرخي جي ڪتيل کادي پھريندا آھيون: تون پڇندينءَ تہ ڇو؟ ٻڌ، کادي خريد ڪرڻ سان اسين غريب ڪتيندڑن ۽ اٽندڑن کي روزگار پھچائي سگھون ٿا. تنھنڪري پنھنجي ديس جي پلي لاءِ پنھنجي ديس جون ڏھيل شيون واپرائڻ ئي سياڻپ جي گھالھ آھي. اٿين ڪرڻ سان ملڪ جو پيسو

ملڪ ۾ رهندو، غريبن جي بک لهندي ۽ هنر جو بہ واڪارو ٿيندو. هاڻي تون سمجهي سگهندينءَ تہ واپار تي ملڪ جي واڪاري يا بگاڙي جو ڪيترو قدر ۽ مدار آهي. اڳئين زماني ۾ واپار بلڪل ٿورو هلندو هو. چاڪاڻ تہ تن ڏينهين ماڻهن جون گهرجون بلڪل ٿي ٿوريون هونديون هيون. جيڪي پاڻ ڪاهيندا يا پيدا ڪندا هئا، سوئي فقط ڪتب آڻيندا هئا. وڌيڪ ڪين ٻوجهہ ٿي ڪونہ هئي. جڏهين ڪم جي ورهپ شروع ٿي، ۽ جدا جدا جماعتون ٿيون، تڏهين گهڻن ٿي قسمن جون شيون ٿهڻ ۽ پيدا ٿيڻ لڳيون ۽ دنيا ۾ مٿا سٿا جو رواج چالو ٿيو. اهو انسان ذات جو سڌاري ڏانهن چڪجي ڪڍي تہ ٿيون قدم هو. سمجهہ، تہ جي هڪ جماعت وٽ ان گهٽو پيدا ٿيندو هو ۽ ٻيءَ وٽ وري چوپايو مال گهٽو هوندو هو تہ هو پنهنجي پنهنجي گهرج آهر هڪ ٻئي ۾ مٿا سٿا ڪندا هئا. تن ڏينهين سکا اڄا ڪونہ نڪتا هئا، فقط شين رستي ٿي مٿا سٿا ٿيندي هئي. ڏس هي واپار جو ڪهڙو نہ اڻ سڌريل نمونو چئبو! پر سڪن جي غير حاضريءَ ۾ ضرور ائين ٿي ڪرڻو پوندو. جڏهن سون ۽ چاندي ڪوليهي ڪيائون تڏهين مٿا سٿا ۾ ڪجهہ سولائي ٿي هوندن. ۽ تڏهين سون يا چاندي ٽوري ٻوهہ مٿا سٿا لاهہ ڪتب آڻبي هئي. سڪن جو رواج دير سان چالو ٿيو. انهي ڪانپوءَ تہ تون سمجهي سگهندينءَ تہ واپار ڪرڻ ۾ ڪهڙي نہ سولائي ٿي پئي

هوندن. پهرين جنهن ماڻهوءَ اهو سڪن وسيلي مٿا سٽا جو رستو ڳولهي ڪڍيو هوندو سو ڪهڙو نہ دماغي پرش چئبو! هاڻي ٽون سمجهي سگهندينءَ تہ روپين، يا ٻين سڪن کي پنهنجي سر ڪوبہ ملهہ ڪونهي. اهي ملهائتا فقط انهي ڪري آهن جو انهن جي مدد سان مٿا سٽا سولي ٿي سگهي ٿي. توکي ميڊاس بادشاه جي آکاڻيءَ جي خبر آهي تہ جڏهين هن جون سڀ شيون سون ٿي سون ٿي پيون تڏهين کهڙو نہ اچي منجهانس بيزار ٿيو. پيسي جو قدر فقط انهي ڪري آهي جو انهي جي مدد سان گهرج جون شيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون. پنهنجي سر سکا توڙي نوٽ ڪنهن بہ ڪم جا ڪونہ آهن. پر نڏهين بہ ٽون ڏسندينءَ تہ دنيا ۾ اهڙا گهٽيئي بي سمجهہ ۽ ڪنجوس ماڻهو پيا آهن جي پيسي کي ڪتب ڪونہ آڻين پر رکو پيا ميڙين ۽ سانڍين، جڏ تہ کو پيسا پنهنجي سر ملهائتا آهن.

انگن، اکرن ۽ ٻولي‌۽ جو جنم

پياري اندرا،

سون توکي اڳ ئي ٻولين جو هڪ ٻئي سان لاڳاپو يا مٽي مائٽي سمجهائي آهي. هاڻي اڄ تہ مان توکي ٻڌايان تہ ٻوليون ڪيئن ٺهيون. تون جاڻيندين‌۽ تہ سمجهي سگهندين‌۽ تہ جانورن کي ٻہ پنهنجي ٻولي آهي جنهن سان هو پنهنجي اندر جا جذبا ظاهر ڪندا آهن. چون ٿا تہ پوڙهن جا ٻہ ڪي آواز يا ڪيڪون آهن جن سان انهن کي سمجهي سگهجو آهي تو ڏٺو هوندو تہ جانور جڏهين ڊڄندا آهن تڏهين هڪ قسم جون ڪيڪون يا آواز ڪري هڪ ٻئي کي سڃاڻ ڪندا يا چتائيندا آهن. اهڙي‌۽ طرح ٻيا ٻہ آواز اڻ جن سان هو پنهنجي پيار، ڊپ وغيره جا جذبا ظاهر ڪندا آهن. اسانجي ٻولي ٻہ شروعات ۾ ائين شروع ٿي هوندي. پهرين انسان ٻہ شايد رڳي کي آواز ڪندو هوندو جنهن مان سندس ڊپ، چتاءُ وغيره جو مطلب ظاهر ٿيندو هوندو. تو ڏٺو هوندو تہ مزور جڏهين گڏجي ڪم ڪندا آهن تڏهين هڪ قسم جو آواز ڪندا آهن. يا جڏهين ڪو ڳورو بار کڻندا آهن تڏهين ٻہ هڪ قسم جو آواز ڪندا

آهن. انسان جا پهريان پهريان آواز شايد اهي هوندا. پوءِ آهستي آهستي سولا سولا ضروري اکر جهڙوڪ پاڻي، ٻاهر، گهوڙو، گاڻ وغيره ٺهيا هوندا. شروعات ۾ فقط "اسم" هوندا "فعل" پوءِ ٺهيا هوندا. جيڪڏهن ڪنهن کي چوٽو هوندو ته مون گاڻ ڏني ته فقط هٿ جو اشارو ڏيئي هڪ اکر "گاڻ" چوندو جيئن نندڙا ٻار ڪندا آهن. انهن ڏينهين ماڻهو پاڻ ۾ گالهيون ٻولهيون مشڪل ڪري سگهندا هوندا. پوءِ آهستي آهستي اهڙن آوازن مان ٻولي ٺهي ويئي. ۽ سڀني ماڻهن جي ساڳي ٻولي ڪوڻ ٿي هوندي. مون توکي اڳ ئي ٻڌايو آهي ته شروعات ۾ بغير پراڇين سيٽا جي وقت ۾ فقط ٻه ٽي مکيه ٻوليون هيون جن مان هينئر هيترين سڀ ٻوليون ڦٽي نڪتيون آهن. تن ڏينهين اڃا لکڻ پڙهڻ جو گهٽو رواج ڪونه هو. اهوئي سبب آهي جو انهن ڏينهن جون گالهيون گهٽو ڪري سڀ شعرن ۾ کيل آهن. چاڪاڻ ته شعرن ۾ وڏيون گالهيون به ياد ڪرڻ سوليون آهن. ٻيو ته شعرن ۾ ٿورن ئي اکرن ۾ گهٽو ڪجهه چئي سگهبو آهي. تن ڏينهن جا شاعر گهٽو ڪري سورمن ۽ جوڌن بابت شعر رچيندا هئا. تن ڏينهين بهادريءَ جو گهٽو مان هو. شروعات جي لکيت ۾ مزي جهڙي آهي. مون توکي ٻڌايو آهي ته مورتن چٽڻ جي رستي لکبو هو. جيڪڏهين ڪنهن ماڻهوءَ کي مور بابت ڪجهه چوٽو هوندو ته مور جي شڪل ڪيندو

هو. البت انهي نموني گهڻو ڪونہ لکي سگهبو پر تہ بہ وقت ٽپائي سگهبو. پر پوءِ آهستي آهستي مورتن کي گهٽائيندا ويا اکرن جيڏڙو ڪندا آخر تہ نيٺ اچي (Alphabet) الف بي گولي ڪيبائون. پوءِ تہ لکڻ سولو ٿي ٻيو هوندن. پهرين پهرين جنهن انگ گولهي ڪيا هوندا تنهن کي تہ آفرين هجي. انگن کان سواءِ ڪنهن بہ قسم جو ڏندو يا واپار مشڪل ٿي سگهندو. يورپ جا پهريان انگ تہ ڏاڍا منجهيل هئا. انهن کي رومن انگ ڪري چئبو آهي. I,II,III,IV,V,VI,VII, VIII,IX,X. هاڻي جيڪي انگ 1,2,3,4,5,6,7,8,9,10. ڪتب ايندا آهن سي وڌيڪ سولا آهن. انهن کي عربي انگ چئبو آهي. چاڪاڻ تہ اهي عربن گولهي ڪيا. پر عرب بہ هندستانين کان سکيا هئا تنهن ڪري حقيقت ۾ انهن کي هندستاني انگ ٿي چوڻ ڪپن.

انسان ذات جا فرقا

پياري اندرا،

رواجي طرح چوڪرن، چوڪرين، توڙي وڏن کي عجيب نموني ۾ تواريخ پاڙهي ويندي آهي. انهن کي فقط بادشاهن ۽ مڪين ماڻهن جا نالا، جنگين وغيره جون تاريخون ياد ڪرايون ويندیون آهن. ۽ حقيقت ۾ تاريخ پڙهڻ جو اهو مطلب اصل ڪونهي ته ڪو رڳو بادشاهن ۽ مهندارن جا نالا ياد ڪجن يا رڳو اهو ياد ڪجي ته انهن ڪيئن ۽ ڪڏهين لڙائي هارائي يا ڪئي. تواريخ پڙهڻ جو سچ پچ مطلب آهي ته اسان کي پوريءَ طرح خبر پوي ته هو ڪيئن رهندا هئا، چا چا ڪيائون ۽ سندن من ورتي ۽ خيالن جو رخ ڪهڙو هو؟ سندن ڏينهن ۾ دنيا ڪهڙي نموني ڦيرو ڪاڏو ۽ ڪيترو سڌارو يا واڌارو ڪيو. هن ڪهڙي نموني حياتيءَ جي دڪن ۽ سکن کي منهن ڏنو اهڙيءَ ريت هستريءَ جو اپياس ڪرڻ سان اسين پنهنجي حياتيءَ ۽ ملڪ کي منهن ڏيڻ سکنداسين. خاص ڪري پراچين انهاس اپياس ڪرڻ سان اسان کي پوريءَ ريت معلوم ٿيندو ته ڏينهون ڏوهه دنيا واڌاري جو رخ ورتو آهي ڪين بگاڙي جو. انساني سک ۽ سهنج منجهس وڌيل آهن ڪين گهٽيل. اسان

کي نہ رڳو گذريل زماني جي ماڻهن جي مثالن مان سکيائون پرائڻ ڪپن پر ساڳئي وقت اسان کي انهي وقت جي حالتن کي به ڏيان ۾ رکڻ ڪپي. هيل ٽائين ته مون فقط ٽوکي اهي ڳالهيون پي ٻڌايون آهن جن جي اسانکي نڪا پوري پڪ آهي نه ڪو پورو پتو آهي. تنهن ڪري اڃ ڻ ڳالهين کي هسٽري مشڪل چئي سگهجو. پر هينئر جيڪي مان ٽوکي ٻڌائيندس تنهن کي ٽون هسٽريء جي شروعات ڪري سمجهه. هيل ٽائين ته مون توکي رڳو اهو سمجهايو آهي ته جدا جدا جماعتون شروع ٿيڻ سان ڪيئن پورهئي جي ورڇ شروع ٿي. مون توکي اهو به سمجهايو آهي ته ڪيئن هرهڪ جماعت جي مکيه پاڻ کي مهندار سمجهي، پورهئي کان هٿ کڻائي، فقط سنيال ۽ انتظام جو ڪم پاڻ تي کنيو. پوءِ اسان ڏٺو ته ڪيئن هو آهستي آهستي طاقتوارو ۽ دولت‌مند ٿيندو ويو. سياويڪ حڪمراني کندڙ طاقت وارا هٿ ڪري ويا پاڻ کي شاهوڪار ڪندا ۽ ڪم ڪندڙ ويچارا ويا ڏينهون پوءِ وڌيڪ ڏڪڙبا. اهڙيءَ طرح دنيا ۾ غريبي، شاهوڪاري، ڪمزوري ۽ زبردستي وڌڻ لڳي. جيئن پورهئي جي ورهپ وڌڻ لڳي، تيئن انسان ذات به گهڻن فرقن ۾ ورهائجي ويئي. هاڻي دنيا ۾ پنجن قسمن جا ماڻهو ٿي پيا. هڪڙا حڪمراني ڪندڙ، ٻيا ڏرم جا ابا، ٽيان واپاري، چوٽان هنر وارا، پنجان پورهيت يعني ڪمي ۽ ڪڙمي.

مندر ۽ مهنت

پياري اندرا،

اڳئين خط ۾ مون توکي ٻڌايو تہ ڪيئن انسان ذات پنجن فرقن ۾ ورهجي ويئي. سڀني کان وڏو پاڳو پورهيتن يعني ڪڙمين ۽ ڪمين جو ڏي ٿيو. ڪڙمي زمين ڪيڙي ٻج پوکي ان ۾ پيدا ڪندا هئا. جي ڪڙمي اهو زمين ڪيڙڻ، ان پوکڻ ۽ لڻڻ جو ڪم نہ ڪن ها تہ جيڪر انسان ذات کي کاڌي لاءِ بہ پورو ان ڪونہ ملي ها. تنهن ڪري سڀني کان وڌيڪ کارائتا ڪڙمي چئبا. ڪمي بہ ملڪ جي واڌاري لاءِ اهڙائي ڪمائتا آهن. پر جيڪي ماڻهو کرائتا، جن بنا جيڪر دنيا جو چرخوئي مشڪل هلي، تنجو نڪو ملهہ نڪو قدر! پورهيو ڪن هڪڙا، آباد ٿين ٻيا!

مون توکي ٻڌايو تہ شروعات ۾ زمين تي سڀني جو هڪ جيتروئي حق هوندو هو، پر جڏهين مکي طاقت وارو ٿيو تڏهين سمجهائين تہ ملڪ جو مالڪ ئي مان آهيان ۽ پورهيت سڀ منهنجا ئي غلام آهن. جيڪو ان پيدا ٿيندو هو تنهن مان بہ گهٽو حصو پاڻ باقي ٿورو ٿورو ٻين سڀني ۾ ورهائيندو هو. ڪيترا مندرن ۽ آکاڻن وارا

جن کي پنهنجون زمينون هيون سي به ڏاڍا طاقت وارا ٿي پيا. هاڻي اڄ تہ ڏسون تہ مندر ڇو ٺهيا، ۽ مهنت کيئن ٿيا. اڳئين خطن ۾ مون ٽوکي سمجهايو آهي تہ اڳيان جهنگلي ماڻهو قدرت جون ڪجهارتون نہ سمجهي سگهندا هئا سي ڊپ وچان کيئن نہ پرمجي سيني قدرت جي نظارن کي ديوتائون ڪري ليکيندا هئا. سج، چنڊ، هوا، پاڻي ۽ بادل وغيره سيني کي ديوتائون ڪري پوڄيندا هئا. کين راضي ڪرڻ لاءِ سندن اڳيان گهٽيئي پيتائون رکندا هئا. مندر ۽ ٺڪاٽا به انهن ديوتائن کي خوش ڪرڻ لاءِ اڏيائون. هرهڪ مندر ۾ هڪ پوڄا جي ڪوئي ناهيندا هئا—— جنهن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ديوتا جو پتلو رکندا هئا. اڳيان ماڻهو ڪنهن به اڻ ڏٺي شيءَ کي پنهنجي من ۾ ڏک دوران واسو ڏيئي ڪونہ سگهندا هئا. تنهن ڪري اڻ ڏٺي شيءَ کي ڪو نہ ڪو پنهنجي خيال مطابق روپ ڏيندا هوا توکي خبر آهي نديڙو ٻار فقط انهيءَ شيءَ کي خيال ۾ آڻي سگهندو. جنهن کي اکين سان ڏسندو. ان ۾ سمجهہ بلڪل ٿوري آهي. اڳيان ماڻهو بہ بي سمجهہ ٻارن مثل هئا. انهي ڪري اڻ ڏٺلن ديوتائن کي پوڄڻ لاءِ سندن پتلا ناهڻ ضروري سمجهائون. پر عجب جي ڳالهہ اها آهي جو گهڙو ڪري سيئي پتلا يا تہ بدشڪل يا تہ خوفناڪ ناهيا اٿن. ڪن جو تہ بت به اڌ انسان جو تہ اڌ جانور جو! ايجپٽ ۾ ڪن

وقتن ۾ اهڙا به پتلا هٿا جن جو روپ ٻليءَ ۽ پولڙي جهڙو هو اهو سچ پچ سمجهي نٿو سگهجي ته پوڄا جي پتلي کي سهڻو يا موهيندڙ ڏاهڻ جي بدران بد شڪل يا خوفناڪ ڇو ڏاهيندا هٿا؟ شايد انهي ڪري جو هو سيني ديوتائن کان ڊڄندا هٿا تنهن ڪري انهن کي خوفناڪ سروپ ڏيڻ وڌيڪ ٺيڪ ٿي لڳن. تن ڏينهين ماڻهو اڄ ڪلهه جي سمجهو ماڻهن وانگي هڪ خدا يا هڪ طاقت کي ڪونه مڃيندا هٿا. هو سمجهندا هٿا ته ڪٿين قسمن جا خدا آهن جي خود هڪ ٻئي ۾ وڙهندا آهن. جدا جدا ملڪن کي جدا جدا ديوتائون هوندا هٿا. انهن ڏينهن جا ڪتاب گهٽو ڪري مندرن جي مهنتن جا ٺي لکيل آهن. تن ڏينهين اهيئي ودوان ۽ ڏاها ليکجن ۾ ايندا هٿا. طب جو عام بس ڄاڻندا هٿا. گهٽيئي پيرا عام ماڻهن تي پنهنجو اثر جمائڻ لاءِ گهڙي نمونن جون ڪيڏون ۽ چالاڪيون ڪري اڻوڄهه انسانن کي ٻنيلائيندا هٿا. بي سمجهه ماڻهو ڪين جادوگر سمجهي پيا ڪانڀن ڊڄندا هٿا هر ڪنهن تڪليف يا آفت وقت انهن وٽ ٺي پنهنجا ڏک سور وڃي اورينداهٿا.

انهن ڏينهن ۾ ڪٽليندر ڪونه هٿا. تنهنڪري وڏن آتسون تي مندرن ۽ ٽڪاڻن ۾ ميلا ڪيا ويندا هٿا ته ڏينهن گڏڻ ۾ سولائي ٿئي. جيتوٽيڪ ڪن ڪن ڳالهين ۾ اهي مهنت عام ماڻهن کي مدد به ڪندا هوا. ڪين ڇڳا مشورا به ڏيندا هٿا ته به عام ريت ته پنهنجيءَ سڃتا

لاءِ ڪيون ٻيلاڙي، انڊو ايمان سيڪاري: سندن ويچار شڪتي ماري ڇڏيندا هئا.

اڳين ڏينهن ۾ ته ڪن ڪن ملڪن ۾ بادشاهن جي بدران هوندائي اهڙا پادري ۽ مهنت هئا. پر پوءِ بادشاهن پنهنجي جنگي طاقت سان گڏ هڪالي ڪيو ۽ پاڻ مالڪ بنجي ويٺا. ڪن ڪن ملڪن ۾ ته وري خود بادشاهه پاڻ ئي پادري هوندو هو، جيئن ايجپٽ (مصر) جا فرعون. اهي فرعون به اڌ ديوتائون ته اڌ انسان ليکيا ويندا هئا موت کان پوءِ به ديوتائن سمان پوڄيا ويندا هئا.

آريه قوم جو هندستان ۾ اچڻ

پياري اندرا،

هيل تائين مون جيڪي ب توکي پي ٻڌايو آهي سو سڀ پراچين سمي جي اوستا جو احوال هو، جنهن کي (Pre-historic times) يعني تاريخي زماني کان اڳ جا ڏينهن چون ٿا. انهن ڏينهن بابت گهٽري قدر ته اسين فقط مغزي ڏکائي پيا هڻون. پوري سچي احوال جو کنهن کي به پتو ڪونهي. هاڻي اسين انهن ڏينهن کي ويجهو آيا آهيون جن کي (historic times) يعني تواريخي ڏينهن چون ٿا. هاڻي پهرين مان توکي هندستان جي تواريخ مان واقف ڪندس. اهو ته مون توکي اڳيئي ٻڌايو آهي ته هندستان تمام جهوني زماني ۾ به سڌريل هو. سندس واپار ب سمنڊ جي رستي گهڻيئي ملڪن جهڙوڪ ايجپٽ، ميسو پوٽيميا وغيره سان هلندڙ هو. انهي وقت جنهن قوم هندستان ۾ بيڪ ڪئي سا هئي دروڊين قوم انهي قوم جا ماڻهو اڄ ڏينهن تائين به ڏکڻ هندوستان ۾ مدراس جي چوڌاري ڏسبا، دروڊين قوم تي آريه قوم اڌر هندستان مان کاهم ڪئي. آريه قوم شروعات ۾ وچ ايشيا کان آڏي ۽ پوءِ گهڻيئي هنڌن

جھڑوڪ پرشيا، گريس ۽ اولھ ڏانھن پکڑجي ويئي. اتر هندستان ۾ ۽ ڪشمير جي آسپاس جبلن ۾ اچي پنھنجون بيڪون ڪيائين. آريہ لوڪ ھڪ زبردست ۽ جنگي قوم ھئي جنھن اچي درڙويدن قوم کي ھڪالي ڪيو. ڪجھ وقت تائين تہ آريہ فقط اتر طرف افغانستان ۽ پنجاب ۾ رھندا ھوا. پوءِ آھستي آھستي گڏيل پرڳڻن ۽ وچ هندستان ۾ ونڊيا جبلن تائين آيا جتي ھنن کي اھي جبل ڏڪڻ هندستان ۾ وڃڻ کان روڪي بيٺا ھو اتي پنھنجو ديرو جمائي ڪونہ سگھيا ۽ ڏڪڻ هندستان درڙويدن قوم جي ٿي ھٿ ھيٺ رھيو. آريہ قوم کي اپياس ڪرڻ مان ڏاڍو مزو اينڊو آھي. سنسڪرت جي ڪتابن مان انھيءَ قوم بابت گھڻوئي پتو پڄجي سگھي ٿو. اسان جا وید شاستر ۽ انھن جي ڏينھن جا ٿي لکيل آھن. سڀ کان جھوني وید کي رگ وید چون ٿا. انھي وید مان فقط هندستان جي انھي پاڳي جي خبر پوي ٿي جتي آريہ لوڪ پنھنجي پھرين بيڪ ڪئي. پين ويدن ۾ پراڻن مان خبر پوي ٿي تہ ھو ڪيئن آھستي آھستي چوڌاري پکڙجي ويا. توکي شايد انھن ڪتابن بابت ڪجھ ۽ خبر ڪانہ ھوندي. جڏھين وڏي ٿيندينءَ تڏھين پاڻيھي انھن بابت پڙھندينءَ. پر ھينئر ۽ انھن پستڪن جي ڪن ڪتائن جي تہ توکي خبر ھوندي. گھڻو پوءِ ۽ مشھور پستڪ "رامايڻ ۽ مھا پارت" رچيا ويا. انھن ڪتابن مان معلوم ٿو ٿئي تہ تن ڏينھين پنجاب

کي "برهم ورت" ۽ افغانستان کي "گندرا" ڪري ڪوٺيندا هئا. توکي "مها پارت جي گندري ياد آهي؟ اها سورهيه ناري به افغانستان جي هئي. هينئر افغانستان هندستان کان ڌار آهي پر تن ڏينهين گڏ هو. جڏهين آريه لوڪ هيٺ هندستان جي ميدانن تي آيا جتي گنگا ۽ جمنا نديون هيون تڏهين سڄي اتر هندستان کي نالو ڏنائون "آريه ورت". هنن به ٻين قومن وانگي نديين جي ڪنارن تي پنهن جون ٻيڪون ڪيون. توکي خبر آهي ته ڪاشي، بنارس، پريا گ ۽ ٻيا گهڻيئي شهر نديين جي ڪنارن تي اڏيل آهن.

ختم شد

پارٽ ۾ آريا ڪير هئا؟

آريا پارت ۾ پنج ڇهه هزار سال يا شايد اڃا به وڌيڪ عرصو اڳي آيا هوندا. جيتوڻيڪ اهي سيئي گڏجي ڏنب ڏي ڪونه آيا هئا. لشڪرن پويان لشڪر، قبلي جي پٺيان قبيلن ۽ خاندان جي پويان خاندان هوريان، هوريان سوين سالن وچ ۾ آيا هوندا. تصور ته ڪري ڏس ته وڏا وڏا قافلا پنهنجي گهرو ضرورتن جو سموريون شيون گاڏين يا جانورن ڏي لڏي سفر ڪري رهيا هوندا، هو هاڏوڪن سياحن وانگر ڪونه آيا هئا. هنن جي واپس ورڻ جو ڪوبه ارادو ڪونه هو. هو هتي ڏي رهڻ آيا هئا يا ورهي مري ڪپي وڃڻ لاءِ جيئن سون پهرين ٻڌايو آهي ته انهن مان گهڻا اتر اولهه وارن جبلن تان چڙهي آيا هئا. پر شايد انهن مان ڪي سمنڊ رستي، پرشين گلف مان پسي آيا هئا، جيڪي پنهنجي ننڍڙن جهازن رستي سنڌو درياڻ تائين به ويا هئا.

اهي آريا هئا ڪير؟ انهن جي لکيل ڪتابن مان ڏي سنڌن باري ۾ ڄڃهي ڄاڻ ملي سگهي ٿي.

انهن مان ڪي ڪتاب جهڙوڪ 'ويد' دنيا ۾ جهوني ۾ جهوني ڪتاب ليکيا آهن. گمان آهي ته آهي

شروعات ۾ لکيا ڪونہ ويا هٿا. اهي فقط زباني طرح ياد ڪيا ويندا هٿا. مٿي سُر ۾ گهايا وڃايا ۽ بيان ڪيا ويندا هٿا. اهي سنسڪرت ۾ اهڙا ٿ خوبصورت لفظن ۾ لکيل آهن، جن کي توهان گهڻي ۾ سگهون ٿيون. اڄ ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو، جنهن کي سنسڪرت اچي ٿي ۽ 'ويد' ياد اٿس، ۽ هو سُريلي آواز ۾ گهائي ٿو ٿ ڏاڍو مزو ٿو اچي. هندو ويدن کي ٿ نهايت پاڪ پوتر ۽ مقدس ڪتاب ڪري ليکيندا آهن. پر 'ويد' لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟ 'ويد' معنيٰ 'ڄاڻ'، ۽ ويدن منجهه، آها ڄاڻ ڪئي ويئي آهي، جيڪا ان دؤر جي سياڻن، ماڻهن جن کي، رشيز Rishis ۽ منيز munis چئبو هو، تن گڏ ڪئي هئي. انهن وٽ انهن ڏينهن ۾ ريلوي، تار گهر يا سئنيما گهر وغيره ڪونہ هٿا. پر اُن جو اهو مطلب ٻہ ڪونهي ٿ ڪو هو، اڻ ڄاڻ هٿا. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ٿ اُن دؤر جا سياڻا ماڻهو، هاڻوڪي دؤر جي سياڻن ماڻهن کان وڌيڪ ڏاها هٿا. پر توڙي جو هو سياڻا هٿا يا نہ: تنهن هوندي ٻ هنن اهڙا ٿ بهتر ڪتاب ليکيا، جن کي اڄ قدر جي نگاه سان ڏٺو وڃي ٿو. اها گهالهہ خود ان جو ثبوت آهي ٿ قديم دورن جا ماڻهو ٻ ڪيتري قدر نہ عظيم رهيا هوندا.

مون چيو ٿ: اهي ويد اول لکيل ڪونہ هٿا. اهي ياد ڪيا ويندا هٿا ۽ هڪڙي پيڑهي ڪان ٻي پيڑهي

ٽائين زباني طرح منتقل ٿيندا ويندا هئا. آهي ماڻهو جن اهي ايڏا وڏا ڪتاب ياد ڪيا، ڪي حيرت انگيز ياداشت جا مالڪ هوندا. اسان مان گهڻا سچا ڪتاب زباني ياد ڪري سگهن ٿا؟

جن ڏينهن ۾ ويد لکيا ويا هئا، انهيءَ دؤر کي ويدڪ دؤر چيو وڃي ٿو. پهريون 'ويد، رگ' ويد آهي. جيڪو سمورو گيتن، پڄنن ۽ گانن سان پريو پيو آهي؛ جيڪي آريا ان وقت گهائيندا هئا. هو پڪ سان تمام صاف دل ماڻهو هوندا؛ اداس ۽ نراس نه پر خوشيءَ ۽ همت سان پريل، هو پنهنجي خوشيءَ جي اظهار لاءِ، خوبصورت گيت جوڙيندا هئا، ۽ انهن کي سندن خدائن جي پوڄا وقت گهائيندا هئا. ڪين پنهنجو پاڻ تي توڙي قوم تي تمام گهڻو فخر هوندو هو. ڏيءَ آريا لفظ جي معنيٰ آهي پلو يا سڌريل ماڻهو، آرين کي آزاديءَ سان به تمام گهڻي محبت هئي.

هو پنهنجي پونيئر جهڙا ڪانئير ڪونه هئا، جيڪي اڄ پارت ۾ رهن پيا جن ڏاريءَ ڪان شاباش ۽ لالچ ملڻ تي، پنهنجي آزاديءَ کي به وساري ڇڏيو آهي. پراڻي دؤر جي آرين لاءِ بي عزتي ۽ غلاميءَ جي زندگيءَ کان موت وڌيڪ بهتر هو.

هو تمام بهادر ۽ ويڙهاڪ هوندا هئا. هو ٿوري گهڻي سائنس به ڄاڻندا هئا ۽ زراعت جا ته وڏا ماهر

هٿا. قدرتي طور تي هنن زراعت ۾ ڏاڍا وڏا واڌارا ڪيا ۽ هنن هر آن شيءِ کي ترقي ڏني جيڪا زراعت ۾ ڪارائتي ثابت ٿي. وڏن درياڻن ڪنڌ پاڻي ٿي ڏنو ۽ هنن وري انهن درياڻن سان پيار ٿي ڪيو، ڪين پنهنجو بهترين دوست ٿي سمجهيو ۽ فائدو پهچاڻ ڪيو، ڪين پنهنجو بهترين دوست ٿي سمجهيو ۽ فائدو پهچاڻ وارو ذريعو ٿي تصور ڪيو. ڏکي ۽ ڪٺن زراعت ۾ توڙي گهرو زندگي ۾ سندن تمام گهڻي مدد، ڪئي چاکاڻ تہ ڪٺن ڪير ٿي ڏنو، جيڪو هنن لاءِ اڻ-ملهہ خزانو هو. تنهن ڪري هو انهن جانورن جي ڏاڍي پرگهور ۽ سار-سنڀال ڪندا هٿا ۽ سندن ساراه ۾ گيت ڳائيندا هٿا. تمام گهڻو پوءِ، ماڻهن، ڪٺن جي اهميت جو اصل سبب وساري ڇڏيو ۽ آن جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪري ڏنائون ۽ ان کي 'مقدس' سمجهڻ لڳا.

جيئن تہ آرين کي پنهنجو پاڻ تي تمام گهڻو فخر هوندو هو، تنهن ڪري هو پارت ۾ ٻين رهواسين سان ملي وڃڻ کان ڏاڍو پاسو ڪندا هٿا. ان سبب ڪري هنن رلي ملي وڃڻ کان بچاءُ لاءِ قاعدا ۽ قانون جوڙيا تہ جيئن ڪوبہ آريو ٻئي ڪنهن (اڻ آريا) سان شادي نہ ڪري سگهي. تمام گهڻو پوءِ، انهيءَ ڪارڻ، ذاتين کي جنم ڏنو، جيئن اڇلهہ ڏسجي پيو. هاڻي تہ اها ڳالهہ مڪمل طور تي بيهودي ۽ ڪل جهڙي بنجي

چڪي آهي. ڪي ماڻهو تہ رڳو ٻئي نسل جي ماڻهوءَ
ڪي هٿ لائڻ يا گڏ ڪائڻ کان بہ پاسو ٿا ڪن اهو بہ
چڱو جو هاڻ، اها عادت آهستي آهستي گهٽبي ٻئي وڃي.

رامائڻ ۽ مها پارت

پارت ۾ ويدڪ دؤر کان پوءِ، جڏهن وید لکيا ويا هئا، Epic Age ايپڪ دؤر آهي. انهيءَ دؤر کي Epic دؤر ان ڪري چيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته ان وڏا Epic ان وقت لکيا ويا هئا، جيڪي ڪنهن نظمن ٿي مشتمل آهن ۽ اسان کي اُن وقت جي عظيم ماڻهن جون ڪهاڻيون ٻڌائين ٿا. اهي ٻه ڪتاب رامائڻ ۽ مها پارت آهن جن جي توهان کي خبر آهي.

ايپڪ دؤر وچ ۾ آريا سڄي اترئين پارت ۾ پکڙجي ويا، ويندي 'وندّيا' جبلن تائين وڃي پهتا. جيئن سون توهان کي ٻڌايو آهي ته اهو سمورو علائقو 'آريا ورتا' سڏجڻ لڳو. هن وقت جنهن پرڳڻي کي ڪڏيل علائقا United Provinces چئبو آهي، سو ڏنڏهن 'مڌيا ديش' Madhyadesh يعني وچ وارو ملڪ سڏبو هو. بنگال ڏنڏهن 'ونگا' vauga سڏبو هو.

هاڻي هڪڙي دلچسپ حقيقت ٻڌ، جنهن جي ڪري سڌ هجڻ گهرجي. جيڪڏهن پارت جي نقشي تي نظر وجهندينءَ ۽ سمجهندينءَ ته آريا ورتا، ڪٿي ٿي سگهي ٿو ته هماليه ۽ وندّيا جبلن جي وچ ۾ توهان کي پهرين

تاريخ جي چند جهڙي لکير ڏسڻ ۾ ايندي. تنهنڪري آريا ورتا کي چنڊ جي زمين ۾ سڏيو ويندو هو. اِندُو Indu معنيٰ چنڊ ۽ تنهنڪري آريا ورتا چنڊ جي زمين Indu - laud سڏبي هئي.

آريا پهريون تاريخ جي چنڊ جا ڏاڍا شوقين هئا. تنهن ڪري هو انهن سمورين جاين کي مقدس ڪري سمجهندا هئا، جيڪي چنڊ جي شڪل جهڙيون هوندیون هيون. سندن گهڻا شهر به چنڊ جي شڪل جا ٺهيل هئا جهڙوڪ، بنارس. مون کي تہ تعجب آهي تہ الهہ آباد ۾ گنگاندي به چنڊ جي شڪل ٺاهي ٿي.

راماڻ جي تہ توکي خبر آهي تہ ان رام چندر ۽ سيتا جي کهاڻي ۽ انهن جي لنڪا يعني سليون، (هاڻ سري لنڪا) جي بادشاه 'راوڻ' سان جنگ جو قصو بيان ڪيل آهي. اصلي کهاڻي والمڪي Valmiki جي سنسڪرت ۾ لکيل آهي. هاڻ تہ اهو قصو ڪيترا ڀيرا ٻين ٻولين ۾ به اڇي چڪو آهي. انهن سڀني ۾ مشهور ۽ خوبصورت اشاعت تلسيداس جي هنديء ۾ لکت آهي جيڪا 'رام چريتا ماناس' Rama Charita Manas سڏجي ٿي.

راماڻ ۾ اسان کي هڏايل آهي تہ ڏکڻ پارت ۾ رام جي مدد پولڙن ڪئي هئي ۽ حنومان Hanuman پولڙن جو عظيم هيرو هو. ائين ٿي سگهي ٿو تہ راماڻ واري کهاڻي آرين جي ڏکڻ جي ماڻهن سان

جنگ جي سچي پچي ڪهاڻي هجي ۽ انهن ماڻهن جي اڳواڻي راوڻ ڪندو هجي.

راماڻ خوبصورت ڪهاڻين جو مجموعو آهي پر آڳ انهيءَ جو حوالو هتي ڏيڻي ڪونہ ٿو سگهان. توهان پنهنجي منهن آهي ضرور پڙهجو.

مها پارت، راماڻ ڪان تمام گهڻو ٻوڌ آيو. اهو وڏيڪ وڏو ڪتاب آهي، اهو اسانکي آرين جي دراوڙن سان جنگ جي باري ۾ ڪونہ ٿو ٻڌائي، پر اهو ڪتاب آرين جي آرين سان عظيم جنگ جي باري ۾ لکيل آهي، جي جنگ کي هڪ پاسي رکي ڏسجي تہ سچ تہ اهو حيرت انگيز ڪتاب آهي جيڪو عظيم نظرين ۽ بهترين ڪهاڻين سان ڀريل آهي. سڀ کان وڌ ڳالهہ تہ اهو اسان سڀني لاءِ ان ڪري بہ مقدس آهي جو ان ۾ شاعري جو 'موتي نظم' Bhagavad Gita بہ موجود آهي.

اهي اٺئي پارت منجهہ ڏيهہ هزارين سال اڳ لکيل عظيم ڪتاب پر آهي ماڻهو ڪيڏا نہ عظيم هوندا، جن اهي ڪتاب لکيا، جيتوڻيڪ اهي ڪتاب گهڻو اڳي جا لکيل آهن پر اهي پارت ۾ اڄ بہ نہ رڳو موجود آهن پر هر وڏي توڙ، ٻار کي انهن ڪتابن جي اهميت جي چڱيءَ طرح سڌ آهي ۽ هر ماڻهوءَ انهن مان گهڻو ڪجهہ پرايو آهي.

سرسري نظر

ڇا منهنجا خط پڙهي ڏکجي ٿ نہ پئي آهين! منهنجي خيال ۾ ٿ تو کي هاڻي ٿورو آرام ڪرڻ گهرجي. چڱو، آءٌ هاڻي ٻوکي خط ۾ کا نئين ڳالهه ڪونہ ٿو لکان. منهنجي مرضي آهي ٿ هيستائين اسان جيڪي ڪجهه پڙهي آيا آهيون، تنهن ٿي غور ڪريو. اسان چند خطن ۾ لکين سالن جو احوال سموئي ورتو آهي. شروعات آڏان ڪئي هئي سين ٿ، ڏرتي سڄ جو هڪڙو ذرڙو هئي ۽ پوءِ اسان ڏٺو ٿ آها ڪيئن سڄ کان جدا ٿي آهستي آهستي ٽڏي ٽيندي وئي، پوءِ جڏهن چندرما ڏرتيءَ کان ڇڇي ڏار ٽيو ٿ ڪيترن ڪي جڳن تائين حياتي کاڻ هئي. پوءِ لکين ڪروڙين سالن تائين تمام هوريان هوريان حياتي وجود ۾ آئي توهين اندازو لڳائي سگهون ٿيون ٿ هڪ ملين يعني ڏهن لک سالن ۾ ڪيترو وقت هوندو؟ ٿوهان اڃا فقط ڏهن سالن جون مس آهيو. ڪيئن وڌيون ٽيون ۽ ڪيتريون وڌيون آهيو! ۽ پوءِ ٽيندين هڪ نوجوان عورت:

تنهنجي لاءِ هڪ صدي تمام ڏکوئيندڙ ڏکهو عرصو آهي. ۽ تنهن کان پوءِ هڪ هزار سال! تنهن کان پوءِ

هڪ ملين سالن جيڪو هزار سال جو هزار آهي. مون کي ڊپ آهي ته متان اسانجي ننڍڙن دماغن ۾ هيءَ ڳالهه چڱيءَ طرح سان نه ويهي. اسانجي خيال ۾ اسان کيترا اهم آهيون ۽ ننڍڙيون ڳالهيون به دل آزاري ۽ فڪرمنديءَ جو سبب بنجن ٿيون. پر اهي کڻڙا معمولي واقعا آهن جيڪي ڊگهي تاريخ ۾ رونما ٿيا؟ تاريخ جي انهن تمام ڊگهن ڏورن جي باري ۾ ڪجهه پڙهڻ سکڻ ۾ مٺيين ڳالهه اسان لاءِ فائديمند آهي. چاکاڻ ته تاريخ پڙهڻ مهل اهي واقعا اسانجي لاءِ گهٽو فڪرمنديءَ جو سبب ڪونه ٿيندا.

اڇو ته انهن هيبتناڪ شاهي دؤرن کي ڏهرايون، جن وچ۾ حياتي بلڪل ڪانه هئي ۽ وري اهي دؤر جڏهن فقط سمنڊن ۾ جانور هئا. ڏرتيءَ تي ڪٿي به پهريائين کو ماڻهوئي ڪونه هو. پوءِ جانور آيا جيڪي چاليهه لک سالن تائين ائين گهمندا ڦرندا رهيا ۽ کين ڪوبه ماڻهو شڪار ڪرڻ لاءِ ڪونه هو. آخرڪار ماڻهو اچي ٿو، جيڪو آهي ته هڪڙو معمولي، پتڪڙو ۽ ننڍڙو ۽ سمورن جانورن ۾ ڪمزور پوءِ آهستي آهستي هزارين سالن گذرڻ بعد وڃي طاقتور ٿو ٿئي هوشيار ٿئي ٿو، ۽ پوءِ ڏرتيءَ تي رهندڙ مڙني جانورن جو 'آقا' ٿئي ٿو. پيا سمورا جانور هن جا نوڪر ۽ غلام ٿي ٿا وڃن ۽ هن جي ٿي مرضيءَ موجب حڪم جي تعميل ڪن ٿا.

تنهن کان پوءِ اسان تهذيبن جي نشونما ڏي اچون ٿا. اسان انهن جون شروعاتون ڏيندي ڏيکون آهن. اسان اڳتي هلي انهن کي سمجهڻ جي کوشش ڪنداسين. اسان وٽ لکين سال عرصو ڪونهي جو انهن کي ويهي جانچون اسان جلد انهيءَ دوڙ تائين پهچي وڃا هٿاسين جيڪو فقط چار يا پنج هزار سال اڳ تائين جو وقت هيو. پر اسان کي انهن چئن هزارن سالن جي باري ۾، بمقابل انهن لکين سالن جي پيٽ ۾ ڏاڍي گهٽي ڄاڻ آهي، جيڪي انهن کان اڳ ۾ گذري چڪا آهن. حقيقت ۾ تاريخ ۽ انسان نشونما انهن ئي چئن هزارن سالن وچ ۾ ٿي آهي. تون جڏهن وڏي ٿيندين، تڏهن هن تاريخ جي باري تمام گهڻو ڪجهه پڙهندينءَ. آءٌ توکي تمام مختصر لکي، رکيو اِها ڳالهه ذهن ۾ آڻ چاهي ٿم ۔هن جڳ ۾ ماڻهوءَ سان ڇا ڇا وهيو واپريو آهي.

پهرو ٽيهو

پڑهندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، بَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪائُو، پاڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڑهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑهندڙ نسل کي وَڏَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نَسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وٹـن جا پَـنَ ساوا، گاڙهـا، نيـرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڑھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻيـن لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيـادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـڙِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَڻُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجِيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑھندڙ نَسُل . پَ نَ The Reading Generation

پَئن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي تي ته هو وَسَ پتاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڇاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڇاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. ايياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہ ِ جٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي تي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ ِ جٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،

جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکِي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- ايار (ڪلهي پاتم ڪينرو)